النَّبِيّٖنَ لَمَآ اٰتَيْتُكُمْ مِّنْ كِتٰبٍ وَّحِكْمَةٍ ثُمَّ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مُّصَدِّقٌ لِّمَا مَعَكُمْ لَتُؤْمِنُنَّ بِهٖ وَلَتَنْصُرُنَّهٗ الاخ

شيخ تقي الدين السبكي (پنهنجي كتاب التعظيم والمنة في لتؤمنن به ولتنصرنه ۾) فرمايو آهي ته ان متين آيت شريف ۾، نبي كريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي جيكا فضيلت ۽ بلند مرتبي جي تعظيم (بيان ٿيل) آهي، اها مخفي نه آهي، سندن ان تعظيم ۽ بلند مرتبي مان هي ظاهر آهي ته جيكڏهن پاڻ سڳورا (صلي الله تعاليٰ عليه وسلم) انبياء عليهم السلام جي زماني ۾ بالفرض والتقدير اچن ها ته پاڻ انهن نبين سڳورن جا به رسول ٿي كري اچن ها، پوءِ تنهن كري سندن نبوت ۽ رسالت آدم عليه السلام كان وٺي قيامت تائين سموري خلق لاءِ عام ٿي، ۽ سيئي نبي سڳورا، پنهنجي سيني امتين سميت پڻ سندن امت ۾ داخل آهن، ۽ سندن هي قول بُعِثْتُ اِلَي النَّاسِ كَافَّةً (۱) يعني (آءٌ تمام انسانيت لاءِ نبي كري موكليو ويو آهيان) صرف انهن ماڻهن لاءِ مخصوص نه آهي جيكي سندن ظاهري بعثت كان قيامت تائين پيدا ٿيڻ وارا هيا. بلك متيون قول انهن ماڻهن كي به شامل آهي، جيكي كائن اڳ ۾ گذري چكا آهن، ۽ ان مان سندن قول مبارك "كُنْتُ نَبِيًّا وَّ آدَمُ بَيْنَ الرُّوْحِ وَالْجَسَدِ" جي معنيٰ به چٽي ٿي وڃي ٿي (يعني آءٌ ان وقت به نبي هيس، جڏهن آدم عليه السلام اڃان روح ۽ جسم جي وچ ۾ هيو. هن مان معلوم ٿيو ته پاڻ سڳورا صلي الله تعاليٰ عليه وسلم نبين جا به نبي آهن، تنهن كري قيامت جي ڏينهن تمام انبياءُ عليهم السلام سندن جهنڊي جي هيٺان هوندا ۽ دنيا ۾ به اهڙي طرح ظاهر ٿي چكو آهي، جو معراج واري رات پاڻ كريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سيني نبين سڳورن كي نماز پڙهائي، انهن جا امام بڻيا. ۽ جيكڏهن حضرت آدم عليه السلام، حضرت نوح عليه السلام، حضرت ابراهيم عليه السلام، حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام جي زماني ۾ سندن اچڻ جو اتفاق ٿي پوي ها ته انهن، ۽ انهن جي سڀ امت كي نبي كريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم تي ايمان آڻڻ ۽ سندن مدد كرڻ واجب ٿي پوي ها، ان متعلق ئي الله تعاليٰ انبياءِ عليهم السلام كان ميثاق ورتو هيو، علامہ سبكي جو قول هت پورو ٿيو. (۲)

حضرت بوصيري رحمة الله تعاليٰ عليه فرمايو آهي:

(۱) ان حديث شريف كي بخاري ۽ مسلم روايت كيو آهي (زرقاني)

(۲) مواهب اللدنيه جلد اول ص ۸

www.maktabah.org

وكل آي اتي الرسل الكرام بها
فانما اتصلت من نوره بهم

يعني جيڪي به معجزا ٻين رسولن آندا هئا، سي سڀ حضور پر نور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي نور مبارڪ کان انهن سان ڳنڊيل هئا.

فانهٗ شمس فضل هم كواكبها
يظهرن انوارها للناس في الظلم (۱)

يعني نبي كريم صلي الله عليه وسلم جن فضيلت جا سڄ آهن، ۽ ٻيا سڀ انبياءِ عليهم السلام ان جا تارا آهن، جيڪي جهالت جي اونداهيءَ ۾ ان سڄ جو نور ماڻهن کي ڏيکاري رهيا آهن.

علامہ محمد بن محمد بن مرزوق ان شعر جي شرح ۾فرمايو آهي ته، جنهن به رسول کان جيڪي معجزا ظاهر ٿيا سي ڪلي طرح، حضرت محمد صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي نور مبارڪ سان متصل هئا. علامہ بوصيري جو هي قول (فانما اتصلت من نوره بهم) ڪهڙو نه سهڻو فرمايل آهي، جو ان جومفهوم هن طرح آڻي ٿو ته، حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جو نور مبارڪ هميشه کان قائم هيو، ۽ ان مان ڪڏهن به ڪا شيءِ گهٽ ڪا نه ٿي. اگر مٿين جملہ جي بجاءِ هيئن چوي ها: فانما هي من نوره يعني اهو معجزو سندن نور هو ته ان ۾ هي وهم پيدا ٿئي ها ته حضور صلي الله عليه وسلم جن جو نور مبارڪ انبياءِ عليهم السلام تي تقسيم ڪيو ويو هو، ۽ ان نور مبارڪ مان هاڻي ڪجهه به نه بچيو آهي. (حالانڪ) تمام انبياءِ عليهم السلام جا معجزات حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي نور مبارڪ جي صدقي مان ڪين عطا ٿيا هئا، ڇاڪاڻ ته پاڻ ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فضيلت جا سڄ آهن، ۽ ٻيا سڀ نبي سڳورا ان سڄ جا تارا آهن، يعني هي تارا جيڪي اونداهين راتين ۾ ظاهر ٿين ٿا، تن جون روشنيون سڄ کان آهن، ڇاڪاڻ ته تارن ۾ ذاتي روشني ڪانهي، اهي روشنائي سڄ کان ونن ٿا، اهي سڄ جي غائب ٿيڻ وقت سڄ جي نور کي ظاهر ڪندا آهن.

اهڙي طرح انبياءِ عليهم الصلاة والسلام به حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي (ظاهري) وجود مسعود کان اڳ ۾ سندن (وصفون) فضيلتون

(۱) قصيده برده شريف

www.maktabah.org

پنهنجي امتن جي اڳيان بنا ڪنهن نقص جي ظاهر ڪندا هئا، پوءِ جو ڪجهه به انبياءِ عليهم السلام جي هٿان ظاهر ٿي ٿيو، ۽ ايستائين جو سندن انوار به حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي (وسيع ۽ ڪثير) نور مبارڪ ۽ سندن ڪشادي مدد ذريعي کين حاصل ٿيا، مگر پاڻ ڪريمن صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي انوار مان ڪجهه به گهٽ ڪو نه ٿيو (جيئن ڪنهن شمع مان ڪيترا ڏيئا ڪٽي ٻارجن، پر شمع جو نور سڀني ڏيئن کي روشن ڪرڻ جي باوجود جيئن جو تيئن بنا گهٽجڻ جي باقي هوندو آهي، اگرچه ان سان ڪيترائي ڏيا روشن ٿي ويندا آهن) پوءِ سڀ کان اول سندن نور جو ظهور حضرت آدم عليه السلام ۾ ٿيو، جاڪاڻ ته الله تعاليٰ ان کي (اوامر ۽ نواهي جي نافذ ڪرڻ لاءِ) خليفو مقرر فرمايو، ۽ ان کي مقامِ محمدي جي جَوَامِعُ الْكَلِمِ مان سڀني نالن جو علم عطا فرمايو، پوءِ عَلَّمَ آدَمَ الْاَسْمَاءَ كُلَّهَا (۱) (يعني آدم عليه السلام کي الله تعاليٰ سڀني شين جي نالن جو علم عطا فرمايو) جي ذريعي کيس ملائڪن تي فوقيت ڏنائين، جن چيو هو: اَتَجْعَلُ فِيْهَا مَنْ يُّفْسِدُ فِيْهَا وَيَسْفِكُ الدِّمَآءَ، يعني يا الله! ڇا تون اهڙي کي خليفو ٿو بڻائين، جيڪو زمين ۾ فساد ڦهلائيندو ۽ رت وهائيندو!! پوءِ زمين تي خلافت مسلسل ٿيندي آئي، تانجو سندن جسم واري وجود مبارڪ جي پيدا ٿيڻ جو زمانو پهتو، جنهن مان سندن بلند مرتبو، ۽ شان ظاهر ڪرڻ مقصود هيو. پوءِ جڏهن پاڻ ڪريم ظاهر ٿيا ته سندن نور ۾ سڀ نور ڏسجي ويا (جو ته سندن ذات سڀني تي غالب هئي) ۽ پين سڀني نبين سڳورن جا معجزا سندن معجزن واري ڪليل شاهي فرمان جي هيٺان ويڙهيل ٿيا ۽ سڀني جون رسالتون سندن نبوت واري پٽيءَ مبارڪ ۾ داخل ٿي ويون ۽ سڀني جون نبوتون سندن رسالت واري جهنڊي جي هيٺان اچي ويون. غرض ته سڀني پيغمبرن سڳورن کي جيڪي به عزتون يا فضيلتون عطا ٿيون هيون، ان جهڙيون عزتون ۽ فضيلتون پاڻ ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم کي به الله تعاليٰ عطا فرمائي ڇڏيون هيون. (۲)

جاڻڻ گهرجي ته جڏهن نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي نبوت اڳين نبين سڳورن ڪاڻ ثابت ٿي آهي، ته پوءِ يقين سان جاڻ ته اهي سڳورا سندن امت ۾ شامل آهن.

پوءِ يقيناً امتي کي معرفت ۽ ولايت وغيره جي مرڻي فيوض وبرڪات جو حصول پنهنجي نبيءَ جي ئي وسيلي ۽ ذريعي سان ٿيندو آهي.

(۱) سورة البقره آيت ۳۱

(۲) مواهب اللدنيه جلد اول ص ۳۷۹، ايضاً زرقاني جلد پنجم ص ۱۸۹، ۱۹۰

www.maktabah.org

## خط مبارک پنجويهون

## مخدوم پير محمد قدس سره، جي طرف، تماڪ واري ناس جي حرمت بابت لکيو ويو

**سوال:** صَلُّوْا خَلْفَ كُلِّ بَرٍّ وَّفَاجِرٍ (۱) واري حديث صحيح آهي يا نه؟

يعني: سڀ ڪنهن چگي ۽ بچڙي جي پٺيان نماز پڙهو. ڪي چون ٿا ته جيڪو شخص نڪ ۾ تماڪ جي ناس ڏئي ٿو، ان جي امامت ڪرائڻ جائز نه آهي، ۽ سخت ڪراهت آهي. ان متعلق تفصيل سان بيان ڪرڻ فرمائيندا. بينوا بياناً شافيًا.

**جواب:** اي مخدوم صاحب! هر هڪ علم حديث جي ماهرکي خبر آهي ته تماڪ واري ناس نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي زماني مبارڪ ۾ ڪانه هئي، نه وري صحابه ڪرام رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين جي دور ۾، تنهن ڪري بلاشڪ اها بدعت آهي.

رشيدي (ڪتاب) ۾ آهي ته فقيهن جي اصطلاح ۾ بدعت اها آهي. جيڪا شيءِ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي زماني ۾ نه هئي، ان کان پوءِ پيدا ٿي هجي.

ڪشف الرمز ۽ خزانة العلماء (ڪتابن) ۾ آهي ته بدعت جو لفظ ابتدع الامر جي عربي محاوري مان ورتل آهي، يعني جنهن جي معنيٰ آهي ته ڪنهن به شيءِ جو نئين سر پيدا ٿيڻ، پوءِ اهو بدعت جو لفظ گهٽو ڪري دين ۾ زيادتي يا نقصان جي بابت استعمال ٿيڻ لڳو.

ڪتاب مواهب اللدنيه ۾ حديث پاڪ آهي. حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم فرمايو ته پلو طريقو محمد ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جو طريقو آهي ۽

(۱) مٿين حديث مشڪواه شريف جي باب الامامة ص ۱۰۰ تي ابو دائود شريف ڪان آندل آهي، مگر ابودائود شريف ۾ اها حديث لفظن جي ٿوري ڦير ڦار سان (باب في الغزومع ائمة الجور) جي ص ۳۴۳ جلد اول ۾ موجود آهي، مشڪواة شريف ۾ "اَلْجِهَادُ وَاجِبٌ عَلَيْكُمْ مَعَ كُلِّ اَمِيْرٍ بَرًّا كَانَ اَوْ فَاجِرًا" ڪان بعد، "وَاِنْ عَمِلَ الْكَبَائِرَ" جا لفظ آهن، جيڪي ابو دائود شريف ۾ ڪو نه آهن، باقي حديث جو متن هڪ جهڙو آهي. مڪتوبات شريف ۾ مشڪواة شريف واري حديث جو متن آندل آهي. (مترجر)

ڪمن ۾ بچڙو ڪر نئون ڪر آهي. (۱) (جيڪو ڪنهن به سنت سان ٽڪرائجي) ۽ پٽ نبي ڪريم صلي الله تعالىٰ عليه وسلم کان منقول آهي (سنت جي خلاف) نون ڪمن کان پاسو ڪريو. بيشڪ هر نئون پيدا ڪيل ڪر بدعت آهي ۽ هر بدعت گمراهي آهي. (۲) ۽ سڀ کا گمراهي باهه ۾ پهچائيندڙ آهي. (۳)

ساڳئي ڪتاب جي جمع واري باب ۾ اچي ٿو، ابن شيبه حضرت ابن عمر رضي الله تعالىٰ عنهما کان روايت آندي آهي ته حضرت ابن عمر فرمايو ته جمع جي پهرين بانگ ڏيڻ بدعت آهي، حضرت ابن عمر جي ان قول ۾ به احتمال آهن، يا ته حضرت ابن عمر رضي الله عنهما پهرين آذان ڏيڻ جو انڪاري هيو، يا ته سندس اهو خيال هيو ته پهرين آذان حضور اڪرم صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جي زماني مبارڪ ۾ ڪانه ڏني ويندي هئي. تنهن ڪري،ان کي بدعت چيو ويندو. حالانڪ کي ڪر، جيڪي حضور اڪرم صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جي زماني ۾ نه به هئا، پر انهن کي بدعت چئي رد نه ڪبو، بلڪ انهن مان کي چگا آهن ۽ کي بچڙا آهن. (۴) پوءِ جڏهن ثابت ٿيو ته تماڪ جي ناس بدعت آهي، تڏهن حڪم هي آهي ته بدعتي جي پٺيان نماز پڙهڻ به ڪراهت آهي، جيئن (ڪتاب) برهان شرح مواهب الرحمٰن ۾ آهي. (۵) ته اسان جي عالمن حنفي ۽ امام شافعي رحمة الله عليه فاسق ۽ ان بدعتي جي امامت ڪرائڻ کي مڪروه چيو آهي، جنهن بدعتي تي بدعت سيبان ڪفر جو حڪم نه لڳايو ويو هجي. پر حضرت امام مالڪ

(۱) اها حديث مشڪواة شريف جي ڪتاب الاعتصام والسنة، فصل اول ص ۲۷ تي،حضرت جابررضي الله عنه کان آيل آهي.

(۲) اها حديث، حضرت عرباض بن ساريه رضي الله عنه کان ابو دائود شريف - باب في لزوم السنة ص ۶۳۵، جلد ٻيو ۽ مسند امام احمد بن حنبل جلد ۴ ص ۱۲۶ ۾ آندي آهي ۽ مشڪواة ۾ ص ۳۰ تي پڻ موجود آهي.

(۳) هن مڪتوب شريف اندر حضرت عرباض بن ساريه رضي الله تعالىٰ عنه واري روايت ۾ (وَكُلَّ ضَلَالَةٍ فِي النَّارِ) جا لفظ زياده آندل آهن، جيڪي ابو دائود، مسند امام احمد بن حنبل، ابن ماجه ۽ مشڪواة شريف ۾ ڪو نه آهن، اهي لفظ (وَكُلَّ ضَلَالَةٍ فِي النَّارِ) ابو دائود ۾ ص ۳۴۳ تي موجود آهن. (مترجم)

(۴) عالمن بدعت جا اقسام بيان ڪيا آهن، جيئن علامه علي قاري مرقاة شرح مشڪواة اندر ان بابت فرمايو آهي.

(۵) مواهب الرحمٰن هڪ ڪتاب آهي، جيڪو حنفي مذهب جي تائيد ۾ لکيو ويو آهي. مصنف ڪوشش ڪري حنفي مذهب مطابق،مسائل جي تائيد ۾ قرآن پاڪ ۽ صحيح حديثن جا دليل پيش ڪيا آهن(ديباچه شرح سفر سعادت ص ۲۳ ج ۳)

www.maktabah.org

رحمة الله تعالیٰ علیه فرمایو آهي ته فاسق ۽ بدعتي جي امامت مکروهه آهي، جو اهي (فاسق ۽ بدعتي) اهانت (خواري) جي لائقن مان آهن، تنهن کري انهن جي امامت صحيح نه آهي.

اسان حنفين وٽ (بدعتي امام جي پويان نماز پڑهڻ جي جواز بابت) حضور اکرم صلي الله تعالیٰ عليه وسلم جو هي قول مبارک دليل آهي، ته هر نيک ۽ بدڪار شخص جي پٹيان نماز پڑهو، ۽ هر نيک ۽ بدڪار امير سان گڈجي جهاد ڪريو. (۱)

ان حديث کي دارقطني معاويه بن صالح کان، ان علاءِ بن الحارث کان ۽ ان مڪحول کان ۽ مڪحول حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت ڪيو آهي، مگر مڪحول جو حضرت ابوهريره رضي الله تعالیٰ کان حديث جو ٻڌڻ ثابت نه آهي. ابي رويت ابوداؤد ڪتاب الجهاد ۾ آڻي ان کي ضعيف چيو آهي، هن سبب جي ڪري جو حضرت مڪحول جو حضرت ابوهريره رضي الله تعالیٰ عنه کان سماع (ٻڌڻ) ثابت نه آهي.

حديث جا هي لفظ آهن: (اَلْجِهَادُ وَاجِبٌ عَلَيْكُمْ مَعَ كُلِّ اَمِيْرٍ بَرًّا كَانَ اَوْ فَاجِرًا وَاِنْ عَمِلَ الْكَبَائِرَ، وَالصَّلَاةُ وَاجِبَةٌ عَلَيْكُمْ خَلْفَ كُلِّ مُسْلِمٍ بَرًّا كَانَ اَوْ فَاجِرًا وَاِنْ عَمِلَ الْكَبَائِرَ، وَالصَّلٰوةُ وَاجِبَةٌ عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ بَرًّا كَانَ اَوْ فَاجِرًا (۲)

اها حديث دارقطني ۾ سند سان عبدالله بن محمد بن يحيیٰ بن عروة کان، ان هشام بن عروة کان ۽ ان ابي صالح سمان کان ان حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان به مرفوعًا روايت ڪئي آهي، جنهن ۾ آهي ته حضور اکرم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته مون کان بعد جلدي توهان جا ڪيئي اهڙا حاڪم ٿيندا، جيڪي نيڪين سبب نيڪ ليکبا، ۽ گناهن جي ڪري فاجر سڏبا، توهان کي انهن جي حق جي ڳالهه قبول ڪرڻي آهي، ۽ انهن جي فرمانبرداري ڪرڻي آهي، ۽ انهن جي پٹيان نماز پڑهجو، پوءِ جيڪڏهن اهي حاڪم ڪو نيڪي جو ڪم ڪندا ته ان ۾ اوهان ۽ انهن جو فائدو آهي، ۽ جيڪڏهن

(۱) ابو دائود شريف - باب في الغزومع ائمة الجور ص ۳۴۳

(۲) ان حديث جو ترجمو هي آهي: توهان تي جهاد واجب آهي. جو هر هڪ نيڪ بدڪار امير (حاڪم) سان گڈجي جهاد ڪريو، پوءِ چاهي اهو امير ڪبيرا گناهه ڪري، ۽ هر هڪ نيڪ ۽ بدڪار مسلمان امام جي پٹيان نماز پڑهڻ اوهان تي واجب آهي، پوءِ چاهي اهو مسلمان پيش امام ڪبيرا گناه ڪري. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪبيرا گناهه ڪندڙ کو مسلمان مري وڃي ته ان تي جنازي جي نماز پڑهڻ به واجب آهي.

www.maktabah.org

گناهه جو ڪر ڪندا تہ ان جو وبال انهن تي آهي. اوهان کي ڪو پوَ ناهي. (۱) پر ابو حاتم (محدث) متين حديث جي راوي عبدالله بن محمد بن يحييٰ کي ضعيف چئي متروڪ الحديث (جنهن کان روايت نہ ورتي وڃي) چيو آهي ۽ ابن حبان محدث بہ چيو آهي تہ متين عبدالله بن محمد بن يحييٰ کان حديث ڏڻ لکڻ جائز نہ آهي. (۲)

اسان جو چوڻ آهي تہ ان حديث جو ما قبل (اڳ) اها شاهدي تو ڏئي تہ ان حديث جو اصل يا بنياد ضرور آهي، تنهن ڪري ان کي (حسن) چئبو، ۽ اها حديث دليل جي لائق ليکبي. حاصل مطلب تہ جيڪو شخص اسان جي قبلي (ڪعبةَ الله) کي قبلو مجيندڙ هجي، ۽ ان جي بدعت بہ اهڙي نہ هجي جو کيس ڪافر سڏجي، تہ پوءِ ان جي پٺيان نماز درست آهي، پر اها مڪروه سڏبي (پوري ٽي تحقيق ڪتاب برهان جي)

ڪتاب شرح عقائد ۾ اچي ٿو تہ هي جو سلف صالحين کان منقول آهي تہ فاسق ۽ بدعتي جي پويان نماز نہ پڙهجي، اهو تڏهن آهي. جڏهن ان جو فسق ڪفر جي حد کي پهچي (۳)

ڪنهن بہ جماعت کي لائق ناهي جو انهن جو امام بدعتي هجي (شيخ الاسلام حاشيہ شرح وقايہ)

جيڪو شخص ،ڪنهن فاسق يابدعتي جي پويان نماز پڙهندو، تہ ان کي جماعت جو ثواب ملندو. پر امام ابو يوسف رحمةَ الله عليه فرمايو آهي تہ متڪلم (علم ڪلام واري) جي پٺيان نماز جائز نہ آهي (۴) جيتوڻيڪ اهو ڪا حق جي ڳالهہ چو نہ چوي. چاڪاڻ تہ اهو (علم ڪلام) بدعت آهي. ۽ بدعتي جي پويان نماز

(۱) دارقطني جلد ۲ ص ۵۵

(۲) ڪتاب للمجروحين ص ۱۱ جلد ثاني

(۳) مڪتوب شريف ۾ شرح عقائد جي عبارت جو خلاصو ڏنل آهي. اصل شرح عقائد جي عبارت هن طرح آهي: وما نقل عن بعض السلف من المنع عن الصلواة خلف المبتدع هذا اذا لم يؤد الفسق او البدعةَ الي حد الكفر اما اذا ادي اليه فلا كلام في عدم جواز الصلواة خلفه (ترجمو) بدعتي جي پٺيان نمازپڙهڻ جي جيڪا منع ڪن بزرگن کان منقول آهي، سا ڪراهت تي حمل ڪبي، چاڪاڻ تہ فاسق ۽ مبتدع جي پٺيان نماز پڙهڻ ۾ ڪو بہ اختلاف نہ آهي ۽ اهو حڪم بہ تڏهن آهي، جڏهن فسق ۽ بدعت ڪفر جي حد کي رسيا نہ هوندا ۽ جيڪڏهن ڪفر جي حد کي رسيا هوندا، تڏهن انهن جي پٺيان نماز جي درست نہ هجڻ ۾ ڪنهن بہ قسر جو اعتراض نہ ڪيو اٿن.

(۴) كذا في الخلاصةَ ص۱۴۹

www.maktabah.org

جائز نہ آهي (شيخ الاسلام)

جو شخص علم ڪلام ۾ غور ۽ فڪر ڪري، ۽ بدمذهبن سان مناظرا ۽ ڪندو رهي ٿو. تڏهن به ان جي پٺيان نماز پڙهڻ کان منع ڪبي (برهان) جيڪڏهن ڪنهن شخص بدعتي يا فاسق جي پٺيان نماز پڙهي ته ان کي جماعت جو ثواب ته ملندو، پر ڪيس اوترو ثواب نہ ملندو جيترو هڪ پرهيزگار پيش امام جي پويان پڙهڻ ڪري ملندو آهي. خزانة العلماء خلاصہ ڪتاب ۾ اٿين آيو آهي (۱)

**جي فاسق شخص امام هجي ۽ جماعت ان جي روڪڻ کان عاجز آهي ته ان حالت ۾ جماعت کي ان جي پويان نماز پڙهڻ بابت عالمن جا مختلف رايا آهن.**

ڪن جو چوڻ آهي ته جمع جي نماز نہ ڇڏجي. باقي بين نمازن ۾ جيڪڏهن ان فاسق کي ڇڏي، ڪنهن بي مسجد ۾ نماز پڙهڻ ويو ته گنهگار نہ ٿيندو. (۲)

**سوال:** جيڪڏهن کي ڪٽي سوال ڪن ته تماڪ ڇڪڻ اگرچہ بدعت آهي. پر اها فسق ۽ گناهہ جي درجي ۾ ناهي.

**جواب:** اسين ان سوال جو هن طرح جواب ڏينداسين، ته شريعت جي سيني متن جي ڪتابن ۾ بدعتي کي فاسق جي مقابلي ۾ آندو اٿن. ان مان اهو معلوم ٿيو ته بدعت ڪٽي گناهہ ۽ فسق جي درجي کي نہ پهتي هجي، تڏهن به ڪراهت آهي، نہ ته بدعتي جو لفظ فاسق جي جاءِ تي آڻڻ مان ڪهڙو فائدو؟

جيئن فاضل عصام شرح وقايہ جي حاشيہ ۾ فرمايو آهي ته بدعت کي فسق جي مقابل آڻڻ ۾ پوشيدگي آهي، جو ته ان مان اهڙي بدعت جو ڏس پوي ٿو جيڪا گناهہ نہ هجي.

شيخ الاسلام شرح وقايہ جي حاشيہ ۾ لکي ٿو ته، بدعت ڪا مباح، ته ڪا مندوب، ۽ ڪا واجب، ۽ ڪا مڪروهہ، ته ڪا حرام هوندي آهي، پوءِ اها ڪفر جو سبب هجي يا نہ هجي. تڏهن جنهن بدعت کي فسق جي مقابل آندو ويو آهي ان مان ان جا بعض قسم مراد آهن (اهي بعض قسم) جن لاءِ شريعت ۾ ڪو اصل نہ هجي پر ان جي صاحب کي ڪافر يا گنهگار نہ چئبو.

پورو ٿيو

(۱) كذا في خلاصہ ص ۱۵۰

(۲) خزانة الروايات ص ۱۸۹

www.maktabah.org

## خط مبارڪ ڇويهون

# چند سوالن جي جوابن بابت، جيڪي فيضماب مخدوم پير محمد رحمة الله تعاليٰ عليه لکيا هئا

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سڀ تعريفون الله تعاليٰ جي لاءِ، جنهن انسان کي هن (دين اسلام) جي هدايت فرمائي. هوند انسان هدايت حاصل ڪري نه سگهون ها، جيڪڏهن الله تعاليٰ انسان کي هدايت نه فرمائي ها، بيشڪ الله تعاليٰ جا (سڀ) رسول عليهم السلام حق ڪٽي آيا، ۽ صلاتن ۽ سلامن جو هديو ان ذات کي پهچي، جنهن جو اسم مبارڪ وصال واري خالص ۽ مٺي پاڻيءَ جي چاهيندڙن لاءِ تمام لذيذ ۽ بيحد مٺو آهي. پٺ الله تعاليٰ جون رحمتون مٿس ۽ سندس آل اطهار ۽ اصحابن سڳورن تي هجن.

حمد ۽ صلاة کان پوءِ: توهان تي الله تعاليٰ جي طرفان رحمتون ۽ برڪتون هجن.

**سوال:** حق سبحانه وتعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي: إِنَّ أَنكَرَ الْأَصْوَاتِ لَصَوْتُ الْحَمِيرِ (۱) ترجمو: بيشڪ سڀني آوازن ۾ بچڑو آواز ڳڏهه جو آهي. يُسَبِّحُ لِلَّهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ (۲) ترجمو: جا شيءِ آسمانن ۽ زمينن ۾ آهي سا الله تعاليٰ جي تسبيح (ذڪر) ڪري ٿي.

وان من شيءٍ الا يسبح بحمده (۳) ترجمو: ۽ ڪابه شيءِ ناهي جا ان جي ساراهه ڪندي، ان جي پاڪائي نه بڌائي. انهن آيتن جي مفهوم ۾ موافقت ڪهڙي طرح آهي؟

**جواب:** انهن آيتن جي وچ ۾ ڪوبه فرق ۽ اختلاف ڪونهي جو الله تعاليٰ جو فرمان آهي: وَلَوْ كَانَ مِنْ عِنْدِ غَيْرِ اللّٰهِ لَوَجَدُوْا فِيْهِ اخْتِلَافًا كَثِيْرًا (۴) ترجمو: ۽ جيڪڏهن اهو (قرآن) غير خدا جي طرفان هجي ها ته ضرور ان ۾ گهڻو اختلاف لهن ها.

---

(۱) سورة لقمان آيت ۱۹
(۲) سورة جمعه آيت ۱
(۳) سورة بني اسرائيل آيت ۴۴
(۴) سورة نساء آيت ۸۲

www.maktabah.org

شايد تہ ديني پاڻ جي سمجھہ ۾ اھو خيال آيو آھي تہ گڏھہ جي ھينگ ئي تسبيح آھي، پوءِ ان کري ان ھينگ جي طرف (جيڪا سندس خيال موجب تسبيح آھي) خراب ھجڻ جي نسبت کڻڻ لائق نہ ٿو ڄاڻي.

پيارا! ان تسبيح کڻڻ مان ھي مراد آھي تہ ھر شيءِ زبان حال سان الله تعاليٰ جي تسبيح (ذکر) کندڙ آھي. جيئن تفسير حسيني وارو، ابو عثمان مغربي قدس سرہ، کان نقل ٿو کري تہ عالم وجود ۾ رھندڙ سڀ شيون پنھنجي پنھنجي ٻولين ۾ الله سبحانہ وتعاليٰ جي تسبيح(ان جي پاکائي) بيان کن ٿيون. ان کي عالم رباني کان سواءِ جنھن جا دل وارا کن کليل ھجن، ٻيو کوبہ نہ ٻڌندو آھي نہ سمجھندو آھي، کھڙو نہ چوندڙ چگو چيو آھي.

بذکرش ھرچہ بيني درخروش ست
ولي داند درين معنيٰ کہ گوش ست (۱)

يعني جيکي بہ ڏسين پيو سڀ ان جي ذکر ۾ دانھون کندڙ آھن، پر ھن حقيقت کي اھو ڄاڻندو، جنھن کي(دل وارا) کن آھن.

بحر الحقائق (کتاب) ۾ آھي تہ موجودات جي ھر ھک ذري کي ملکوتي زبان (زبان حال) عطا ٿيل آھي. جيکا الله تعاليٰ جي تسبيح ۽ ذکر کندڙ آھي. ان زبان سان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي ھٿن مبارکن ۾ پٽرين تسبيح چئي ھئي، ۽ ھن آيت اَنْطَقَنَا اللّٰهُ الَّذِيْٓ اَنْطَقَ كُلَّ شَيْءٍ (۲) يعني (اسان کي الله تعاليٰ ڳالھرايو، جنھن ھر شيءِ کي قوت گويائي بخشي) ۾ عضون جي شاھدي ڏيڻ طرف اشارو آھي. تفسير ديلمي ۾ آيل آھي تہ (ھر شي جي تسبيح کي) حقيقي اکين ۽ کنن وارا نبي سڳورا ۽ اولياءِ کرام پنھنجن اسرارن وارن کنن سان ٻڌن ٿا. انھيءَ تفسير ۾ سورة رعد جي ھن آيت، وَلِلّٰهِ يَسْجُدُ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ طَوْعًا وَّ كَرْهًا (۳) ترجمو: ۽ الله تعاليٰ کي ئي سجدو کن ٿا، جيترا بہ آسمانن ۽ زمينن ۾ آھن، خوشي سان توڙي جو

(۱) تفسير حسيني ص۴۵۸
(۲) سورة حٰمٓ سجده آيت ع۲۱
(۳) سورة رعد آيت۱۵

www.maktabah.org

مجبوريءَ سان. جي تفسير ۾ هن طرح لکي ٿو ته مؤمن الله تعاليٰ کي خوشي سان سجدو کن ٿا، ۽ کافر مجبوري سان، ۽ بصيرت وارا صاحب سيني جي سجدي کڻڻ جو اسرارن وارين اکين سان مشاهدو کن ٿا. اهڙي طرح آيت: اِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ، جو مفهوم آهي، ۽ ولي سڳورا سيني شين جي تسبيح کي ٻڌن ٿا ۽ ان کي مشاهدي سان به ڄاڻن ٿا، ۽ ان ۾ کنهن به قسم جو شک نه ٿا کن، پر ٻيا عام مؤمن جيکي تسبيح نه ٿا ٻڌن. سي کتاب الله جي تصديق سبب ان ڳالهه تي ايمان آڻين ٿا (هت تفسير ديلمي جي عبارت پوري ٿي)

تاويلات عبدالرزاق (کتاب) ۾ آهي ته، هر هک شي جون جدا جدا خاصيتون آهن، جيکي ٻي شي ۾ نٿيون لين. جيسين انسان کي اها خاصيت حاصل نه ٿي ٿئي ته هو ان لاءِ مشتاق ۽ کوشان رهي ٿو، ۽ جڏهن اها ان کي حاصل ٿئي ٿي، ته پوءِ هو ان جي حفاظت به کندو آهي، ۽ ان سان محبت به کندو آهي. پوءِ ان خاصيت جي ظاهر کڻڻ سببان، پاڻ کي الله تعاليٰ سان شرک کڻڻ کان پاڪ رکي ٿو. ورنه هو ان ۾ موحد نه ليکبو. پوءِ هو (موحد) زبان حال سان هيئن چوي ٿو ته: آءٌ ان ذات پاڪ کي هک ڪري مڃان ٿو، جو مون کي به اڪيلو بنايو اٿس. جيکو شخص ڪمالیت گهري ٿو ته ان کي الله تعاليٰ سيني نقصانن کان پاڪ ٿو ڪري، پوءِ گويا هو (زبان حال سان) ڪماليت جي اظهار لاءِ هيئن پيو چوندو: "ڪامل مڪمل مون کي ڪماليت ڏني آهي". پوءِ جڏهن (ثابت ٿيو ته) هر شيءِ تسبيح ڪندڙ آهي ته گڏهه، ڏيڳا، ماٺهو، مؤمن ۽ ڪافر به تسبيح ڪندڙ سمجهبا!!

مگر اسان جي هي گفتگو جيکا هلي رهي آهي، سا گار ڏيڻ، کوڙ ۽ گلا غيبت وغيره کي تسبيح نه چوڻ جي باري ۾ آهي، اهڙي طرح ڏيڳي جي رنپ، ۽ گڏهه جي هينگ کي تسبيح نه چئبو.

در اصل هر شيءِ جي تسبيح کي دوام هوندو آهي (جڏهن ته ڏيڳي جي رنپ، ۽ گڏهه جي هينگ وقتي هوندي آهي) لطائف واشارات قشيري (کتاب) ۾ "اِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ"- جي تفسير ۾ هن طرح لکيل آهي

اڳين قومن جي ڇڏيل نشانن ۽ موجودات جي اجزائن ۾ کوبه اهڙو جز نه آهي، جو صانع مطلق جل شانه' جي حڪمت ۽ ان جي جلاليت تي دلالت کندڙ نه

www.maktabah.org

هجي. (۱)

بالفرض جيڪڏهن گڏهه جي هينگ واري آواز ۾ ڪي ڪٽي تسبيح چئون ته به ان ۾ برائي اصل تسبيح جي سببان نه آهي، بلڪ ان جي ناپسنديدگيءَ جو سبب بلند آواز هجڻ آهي، جيئن سري نماز ۾ ڏاڍيان قرائت ڪرڻ منع آهي. سا صرف ڏاڍيان پڙهڻ جي منع آهي. اصل قرائت جي منع نه آهي، جيئن رياءَ جي سببان عبادت مردود ٿي ويندي آهي سا رياءَ جي ڪري مردود ٿيندي، ورنه اصل عبادت مردود نه آهي. تفسير حسينيءَ ۾ آندو اٿس ته آواز بلند ڪرڻ ۾ ڪابه فضيلت ڪانه آهي. گڏهه جو آواز بلند هجڻ جي ڪري طبيعت کي خراب لڳندو آهي ۽ ڏڻ ناپسند هوندو آهي. عين المعاني (ڪتاب) ۾ آيل آهي ته عرب جا مشرڪ آواز بلند ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي تي فخر ڪندا هئا. پوءِ ان آيت ۾ انهن جي فخر ڪرڻ جي تردید ڪئي وئي.

حضرت رسالت پناهه صلي الله عليه وسلم جن نرم آواز کي پسند فرمائيندا هئا ۽ وڏي آواز کي خراب سمجهندا هئا.

انجيل ۾ مذڪور آهي ته، (الله تعاليٰ حضرت عيسيٰ عليه السلام کي امر ڪيو ته) منهنجن ٻانهن کي چؤ ته مون کي جڏهن به سڏين ته پنهنجا آواز جهڪا ڪن، چاڪاڻ جو آءٌ ٻڌان ٿو ۽ پڻ جيڪي به سندن دل ۾ آهي، سو ڄاڻان ٿو.

**سوال:** جيڪڏهن کو سوال ڪري ته بعض بين جانورن جا آواز گڏهه جي آواز کان به تمام بچڙا آهن، پوءِ (قرآن مجيد ۾) رڳو گڏهه جي آواز کي بچڙي چوڻ ۾ ڪهڙي خصوصيت آهي؟

ان جو جواب هن طرح ڏنو اٿن ته عربن وٽ برائيءَ ۾ گڏهه جو آواز نالي چڙهيل آهي.

حضرت سفيان ثوري رحمه الله عليه فرمايو آهي ته هر هڪ جانور جو آواز ان جي تسبيح آهي. پر گڏهه جو آواز نه! ان جو آواز شيطان جي ڏسڻ کان آهي. جيئن حديث شريف ۾ آهي ته، جڏهن اوهين گڏهه جي هينگ جو آواز ٻڌو ته الله تعاليٰ کان شيطان تڙيل جي پناهه گهرو (يعني اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ پڙهو) چاڪاڻ ته ان (گڏهه) شيطان کي ڏٺو آهي (۲) مولانا رومي رحمة الله تعاليٰ عليه گڏهه جي آواز کي هنن

(۱) تفسير لطائف واشارات قشيري جلد ۴ ص۲۲

(۲) مشڪواة شريف ص۲۱۳ ايضاً مسلم شريف ص۳۵۱ ج۲

www.maktabah.org

سببن جي ڪري بچڑو چيو آهي: هڪ تہ گھٹو ڪري هوگاھ ۽ پاڻيءَ جي طلب لاءِ هينگندو آهي، يا شهوت پوري ڪرڻ لاءِ، يا ڪنهن ٻئي گڏھ سان لڑائيءَ لاءِ هينگندو آهي. پوءِ جيڪو آواز صفات بهيمي ۽ سبعي (جهنگلي جانورن ۽ مرونئن جهڑي صفتن) جي غلبي سببان نڪرندو، سو آواز سيني آوازن ۾ بچڑوهوندو. هن هنڌ تي پڻ هيءَ ڳالھ پڌري ٿي تہ روحاني ۽ ملڪي اخلاق واري انسان مان جيڪو آواز ايندو، سو سيني آوازن ۽ سڏن ۾ تمام پلو هوندو.

نغمهائي عاشقان بس دلكشش است
استماعي نغمۂ ايشان خوش است(۱)

يعني عاشقن جا محبت وارا نغما دل ۾ ڪشش پيدا ڪندڙ آهن، انهن جو ٻڌڻ تمام پلو آهي.

بس ٿو ڪريان جو سياڻن لاءِ ڪافي آهي. اوهان کي سلام رسن، ۽ جيڪي اوهان وٽ هجن تن کي بہ! فقط.

## خط مبارڪ ستاويهون

### آيت اُدْعُوْا رَبَّكُمْ جي جواب بابت فضيلت پناھ مخدوم پير محمد رحمة الله عليه ڏانهن لکيو ويو.

**سوال:** الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ" پنهنجي رب کان دعا ڪھرو، نماڻان ٿي ۽ آهستي آواز ڪيڏ کان سواءِ، تضرع ۽ خفيه مان ڪهڙي مراد ونجي؟ جڏهن تہ ڪيتروئي الله تعاليٰ جو هزار ڀيرا حمد ۽ تضرع ڪجي تہ بہ ان ذات پاڪ جي حمد جو حق ادا ٿي نٿو سگهي؟!

**جواب:** اي مخدوم! آيت سڳوريءَ جو متن هن طرح آهي: اُدْعُوْا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَّخُفْيَةً اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ(۲)

(۱) تفسير حسيني ص٦٦١

(۲) اوهين پنهنجي رب کي گھٹي نماڻائي ۽ آهستگيءَ سان سڏيو. بيشڪ الله حد کان لنگهي ويندڙن کي پسند نہ ٿو ڪري.

www.maktabah.org

تفسير مدارک ۾ لکيل آهي تہ"رب کان دعا گهرو زاري ڪندڙ ٻي آهستگيءَ سان- التضرع ضراعة مان نڪتل آهي، جو باب تفعل جي مصدر آهي،۽ اهو عاجزي ڪرڻ ۽ چاپلوسي ڪرڻ جي معنيٰ ۾ ايندو آهي(۱) تفسير حسينيءَ ۾ان آيت متعلق لکيل آهي(يعني) اوهين سيئي ظاهر ۽ باطن ۾ ان ذات باري تعاليٰ کي سجاٽو ۽ ان جي عبادت ڪريو. عاجزي انسانن جي احتياجيءَ جو نشان آهي ،۽ پوشيدگي ۾ عبادت ڪرڻ، اخلاص جي نشاني آهي. پوءِ مخلص محتاج کي نااميدي سامهون نہ ايندي(۲)

تفسير مغنيءَ ۾ ان آيت بابت هن طرح آهي تہ: الله تعاليٰ جي ظاهر ۽ ڳجهہ ۾ عبادت ڪريو ۽ اوهان جون حاجتون پوريون ڪرڻ، ان مٿي آهن، ڇوتہ تضرع ضراعة مان ورتل آهي، ۽ اهو پنهنجي سخت ضرورت جي اظهار کي چئبو آهي.

(مفسر) ڪلبيءَ چيو آهي"تضرع مان مراد ظاهري عبادت ڪرڻ آهي، ۽ خفيةَ مان مراد مخفي عبادت ڪرڻ آهي". ڪن مفسرن جو چوڻ آهي تہ هن آيت"اُدْعُوْا رَبَّكُمْ" ۾ هر حالت ۾ الله تعاليٰ کي سڏڻ جو امر ٿيل آهي. يعني ان ذات باري تعاليٰ کي هر حال ۾ سڏيو،جنهن هن ڪائنات جون سڀ شيون پيدا فرمايون آهن. الله تعاليٰ جي فرمان: اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ، ۾ معتدين مان مراد مشرڪ آهن، پر اها معنيٰ تڏهن ونبي جڏهن دعا کي عبادت جي معنيٰ ۾ آڻجي، پر جڏهن دعا کي مدعوة(جنهن ڏانهن سڏيو وڃي) جي معنيٰ ۾ آڻبو تہ پوءِ معنيٰ هن طرح ٿيندي تہ بيشڪ حد کان لنگهندڙن کي،يعني انهن کي جيڪو حڪم ڪيل هو تنهن ۾ حد کان لنگهندڙ کي الله تعاليٰ پسند نٿو فرمائي. اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ جي بابت تفسير حسيني ۾ آهي تہ "يعني جيڪي بددعا ڪرڻ جا مستحق نہ آهن تن جي حق ۾ جيڪي بددعا ڪن ٿا، تن کي الله تعاليٰ پسند نہ ٿو ڪري، يا جيڪي دعا گهرڻ ۾ رڙيون ٿا ڪن، يا انهن جي دعا گهرڻ رياءَ سان هجي، يا تہ اهي الله تعاليٰ کان اهڙي شيءِ جي گهر ڪن ٿا جنهن جا هو لائق ۽ اهل نہ آهن جهڙوڪ نبين وارو مرتبو گهرڻ، يا آسمان جي برجن تي چڙهڻ لاءِ دعا گهرڻ(۳)

پي آيت وَاذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَّخِيْفَةً وَّدُوْنَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ(۴)

(۱)تفسير مدارک جلد ثاني ص ۲۶

(۲) تفسير حسيني ص۲۵۲

(۳) تفسير حسيني ص ۲۵۲

(۴) سورة اعراف آيت ۲۰۵

يعني (پنهنجي رب کي پنهنجي دل ۾ ياد ڪر، عاجزي ۽ خوف سان، زبان مان آواز ڪيڏ کان سواءِ) بابت تفسير حسيني ۾ آهي" اي محمد (صلي الله عليه وسلم) پنهنجي پروردگار کي پنهنجي دل ۾ گهٽي عاجزي ۽ ڊڄ سان ياد ڪر، يعني تون سندس فضل ۾ اميد رکي گهٽي عاجزيءَ سان ان کي سڏ، ۽ سندس عدل جي خوف کان گهٽو ڊڄ، ۽ان کي اهڙي آواز سان سڏ جيڪو ظاهر ۽ بلند آواز کان تمام هيٺ هجي(۱) (يعني تمام آهستي ۽ تمام بلند آواز جي درميان هجي)

مٿين آيت بابت تفسير مدارک ۾هن طرح آهي:ذڪر جو حڪم عام آهي، جيڪو قرآن شريف پڙهڻ، دعا گهرڻ، تسبيح ۽ تهليل وغيره ڪرڻ کي شامل آهي. مطلب ته حڪم آهي ته گهٽي عاجزي ۽ خوف سان خدا تعالىٰ جو ذڪر ڪريو. زبان مان آواز ڪيڏ کان سواءِ، اهڙو ڪلام چئو، جيڪو آهستي، هجي چاڪاڻ ته آهستي وارو ذڪر اخلاص وارو هوندو آهي، ۽ سهٽي فڪر کي ويجهو هوندو آهي."(۲)

لطائف قشيري ۾ آهي "بسط واري حالت جي وقت ۾ جڏهن جمال جي وصف جو ٻانهي تي مڪاشفو ٿئي تڏهن ان ۾ تضرع يعني گهٽي عاجزي ڪرڻ واري حالت پيدا ٿئي ٿي، ۽خوف وارين حالتن ۾ جڏهن ان تي جلال جي صفت جو مڪاشفو ٿئي، ته ان ۾ خيفهٔ يعني خوف خدا واري حالت پيدا ٿئي ٿي. اهي (تضرع ۽ خيفهٔ) ٻئي حالتون اڪابرن جون آهن. پر انهن کان سواءِ ٻيا جيڪي به آهن تن جون ڊڄ، اميد، شوق ۽ خوف جي حيثيت سان مختلف قسمن واريون حالتون آهن. انهن سيني کان مٿاهون مرتبو، بقا، فنا ۽ صحو ۽ محو جي صاحبن جو آهي. ارباب الحقائق انهن کان سواءِ آهن. جيڪي تمڪين جي وطن ۾ ثابت قدم وهيل آهن پوءِ انهن لاءِ(دنيا جو ) رنگ برنگ هجڻ ڪجهه به ڪونهي، ۽ نه کي هڪجهڙائي ڪرڻ انهن لاءِ ڪا شيءِ آهي. چاڪاڻ ته اهي حق سبحانه، وتعالىٰ سان قائم آهن، ۽ پنهنجي شاهدن کان دور آهن(۳)

از دست وزبان که بر آيد
که از عهده شکرش بدر آيد

يعني: ڪنهن جي هٿ ۽ زبان کان ڇا ادا ٿيندو،جو ان جي شڪر جو حق بجا آڻي.

(۱) تفسير حسيني ص۲۸۲
(۲) تفسير مدارک جلد ثاني ص۹۲ ايضاً تفسير ابي سعود ص۳۱۰ - ج۳
(۳) لطائف قشيري ص۲۹۵ - ۲۹۶ جلد ۲

www.maktabah.org

رباعي:

بنده همان به که ز تقصير خويش
عـذر بـدرگـاهـ خـدا آورد
ورنـه سـزا وار خـداونـديـش
کـس نـه تـوانـد کـه بجـا آورد

يعني ٻانهو اهو ٻلو آهي جو پنهنجي قصور جي معافي لاءِ الله تعاليٰ جي حضور ۾ معذرت ڪري. نه ته سندس خداونديءَ جي لائق هي ڳالهه آهي جو ڪير به ان جا حق پورا نه ڪري سگهندو.

تفسير عرائس ۾ (الحمد لله) آيت جي هيٺيان لکيل آهي ته: الله تعاليٰ ٻانهن کي پنهنجو شڪر ڪرڻ سيکاريو، ڇو ته الله تعاليٰ کي معلوم هو ته ٻانها سندس شڪر ڪرڻ کان عاجز آهن. پوءِ الله تعاليٰ مخلوق کي ادب سيکارڻ ۽ احسان ڪرڻ لاءِ پنهنجو حمد اڳ ۾ آندائين(۱)

لطائف قشيري ۾ آهي ته (جڏهن) الله سبحانه' وتعاليٰ پنهنجي دوستن جو، پنهنجي واسطي حمد ۽ ثنا ڪرڻ جو سخت ارادو ڇاتو، پر اهو به ڄاتائين ته اهي سندس عزت ۽ شان موافق مدح جي حق ادا ڪرڻ کان عاجز آهن، پوءِ انهن کي خبر ڏنائين ته ان (الله سبحانه' وتعاليٰ) پنهنجو حمد پاڻ ڪيو آهي، انهيءَ سببان پنهنجي خطاب کي (الحمد لله جي) پنهنجي قول مبارڪ سان شروع ڪيائين. پوءِ اهي ذلت کان بعد بلند ٿيا، ۽ اجهامڻ کان بعد زنده ٿيا، ۽ ڪمال فخر ڪرڻ سان انهن جا راز بلند ٿيا. جو حق کان، حق جي ثنا، حق جي خطاب سان ٻڌائون. پوءِ اشاري جي بيان سان ٿيل مشڪل فقرو ڳالهايائون ۽ چيائون:

**عربي شعر**

ولوجههامن وجهها قمر
ولعينهامن عينها كحل

(يعني) ان جي مُنهن لاءِ ان جي مُنهن مان چنڊ (روشني) آهي، ۽ ان جي اک لاءِ ان جي اک مان سرمون، (سونهن) آهي.

انهيءَ سببان اجهو خطيب الاولين والاخرين، سيدالفصحاءِ ۽ امام

(۱) تفسير عرائس البيان ص٦

www.maktabah.org

البلغاءِ (صلي الله تعاليٰ عليه وسلم) جن جڏهن الله سبحانه وتعاليٰ جو پنهنجي کاڻ حمد ۽ ثنا کرڻ (وارو آواز) ٻڌو ته نبي کريم صلي الله تعاليٰ وسلم جن سمجهي ورتو، ته ان حالت ۾ الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا کرڻ کان زبان بلڪل قاصر آهي. تڏهن فرمايائون، لَآ اُحْصِيْ ثَنَاءً عَلَيْکَ اَنْتَ کَمَا اَثْنَيْتَ عَلٰي نَفْسِکَ (۱)

يعني يا الله! آءٌ تنهنجي ثنا نه ٿو کري سگهان، تون ائين آهين جيئن تو پنهنجي لاءِ چوين ٿو. (۲)

## الاويهون خط مبارک

### آيت اِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ جي حل بابت جناب مخدوم پير محمد رحمةُ الله تعاليٰ عليه جي طرف لکيو ويو:

**سوال:** الله تعاليٰ جو فرمان آهي، وَاِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ (۳) ان ۾ "ه" جو جيکو ضمير آهي، سو کيڏانهن ٿو موٽي؟ اهو ضمير يا ته حق سبحانه وتعاليٰ ڏانهن راجع آهي، يا شيءِ ڏانهن؟ جيئن محي الدين ابن عربي چوي ٿو.

**جواب:** اي مخدوم! مصدر کڏهن پنهنجي فاعل ڏانهن مضاف ٿيندي آهي. ۽ کڏهن مفعول ڏانهن، پوءِ جيکڏهن ضمير الله تعاليٰ ڏانهن موٽائبو ته پوءِ ه وارو ضمير حمد جي مفعول ڏانهن مضاف سمجهبو، جيکو محمود جي معنيٰ ۾ آهي، ۽ جيکڏهن ان ضمير کي شيءِ ڏانهن موٽائبو ته پوءِ اهو ضمير پنهنجي فاعل ڏانهن مضاف سمجهڻ گهرجي، جنهن جي معنيٰ حامد آهي. پوءِ هت معنيٰ هن طرح ٿيندي ته، يعني کا به اهڙي شيءِ نه آهي، مگر پاکائي جي نسبت کري ٿي، پنهنجي حمد واري زبان سان، يعني اهو حمد قال واري زبان سان آهي، يا حال واري زبان سان.

عرائس (تفسير) ۾ لکيل آهي ته "الله تعاليٰ جي حمد کرڻ واريون

---

(۱) اها روايت مسلم کان مشکواة ص ۸۴ باب السجود وفضلهٖ ۾ آنديل آهي.

(۲) لطائف قشيري جلد اول ص ۵۷

(۳) سورة بني اسرائيل آيت ۴۴

www.maktabah.org

زبانون ٽي قسم آهن: ۱- لسان انساني، ۲-لسان روحاني ۳- لسان رباني، لسان انساني (انسانن واري ظاهري زبان) سا عام ماڻهن کي آهي، ان جو شڪر ڪرڻ هن طرح هوندو آهي،جو اها الله تعاليٰ جي انعام ۽ مهرباني جو ذڪر (چرچو) ڪندي آهي، ۽ قلب جي تصديق سان شڪر بجا آڻيندي آهي.

پر لسان روحاني (روحاني زبان) سا خواصن جي آهي. اهو قلب جو ذڪر ڪرڻ آهي، جيڪو لطيفن سان ٿيندو آهي. جنهن سان حالتن جي سڌي تربيت ۽ افعالن جو تزڪيو ٿيندو آهي.

لسان رباني (رباني زبان) اها عارفن جي آهي، ان جو شڪر ڪرڻ هن طرح آهي، جو اها حق تعاليٰ جل جلاله' جي شڪرڪرڻ جي ارادي سان، رازداري واري حرڪت (چرپر) ڪندي آهي، جيڪا معرفت جي لطائف جي ادراڪ ۽ عجائبات جي ظهور کان بعد، مشاهدي جي نعمت سان ۽ الله تعاليٰ جي ويجهڙائي حاصل ڪرڻ وارن عملن ذريعي گهرائي ۾ پوڻ سان شڪر ڪندي آهي، ۽ (اُنس) وِروح جا ميوا چونڊيندي آهي ۽ (جنهن سان) روح بحر القدس (قدوسيت جي درياءَ) ۾ ٽٻيون هڻندو آهي، ۽ رازن جي لذت ۽ انوار الاهي جو مشاهدو ماڻيندو آهي. پوءِ الله تعاليٰ جو حمد ڪندڙ، پنهنجن مقامن ۽ مقصدن ۾ مختلف زبانن سان سندس حمد ڪن ٿا." (۱)

تفسير تاويلات عبدالرزاق كاشيءَ ۾ لکيل آهي ته هر هڪ شيءِ جي خاصيت ڏار ڏار آهي، جيڪا هي شيءِ ۾ نه ليندي آهي، ۽ انهن جون ڪماليتون انهن سان مخصوص آهن، جيڪي بين ۾ نه آهن، ۽ جيستائين ان خاصيت کي حاصل نه ٿو ڪري، تيسين ان جي لاءِ شوق رکي ٿو، ۽ ان جي طلب ڪري ٿو، ۽ جڏهن اها ان کي حاصل ٿئي ٿي ته اهو ان خاصيت جي حفاظت ڪري ٿو، ۽ ان سان محبت ڪري ٿو، اهو ان وقت خاصيت جي ظاهر ڪرڻ واسطي، الله تعاليٰ کي شرڪ کان پاڪ ڄاڻي ٿو، ورنه هو ان ۾ موحد نه ليکبو. پوءِ هو (موحد) گويا زبان حال سان هيئن چوي پيو ته، آءٌ ان ذات پاڪ کي هڪ ڪري مڃان ٿو، جو مون کي توحيد سيکاري اٿس، ۽ نقص وارين صفتن کان پاڻ کي پاڪ ڪري ان (الله تعاليٰ) کان پنهنجي ڪماليت طلب ڪري ٿو، ۽ پوءِ گويا هيئن چوي ٿو ته مون کي ڪامل مڪمل ڪماليت ڏني آهي. ان جو مثال هن تي قياس ڪرڻ گهرجي، جيئن پيءُ ۽ ماءُ (والدين) کي پنهنجي ٻار تي شفقت هوندي آهي، ته گويا اهو (ٻار)

(۱) تفسير عرائس البيان ص ٦-٧

www.maktabah.org

چوندو آهي تہ ان وڏي مهربان مون تي گهڻي مهرباني ڪئي آهي، ۽ ان رحم کندڙ مون تي رحم ڪيو آهي. (جو ان رءوف رحيم منهنجي پيءُ ماءُ کي مون تي شفقت ڏني آهي) ۽ اهو رزق طلب ڪرڻ لاءِ "يا رزاق!" چوي ٿو: پوءِ ست ئي آسمان ان جي هميشگي ۽ ڪمال سان تسبيح بيان ڪن ٿا، ۽ ان ئي نموني بلنديون، شين ۾ اثر پيدا ٿيڻ، ۽ شين جي نئين سر پيدا ٿيڻ کي قياس ڪرڻ گهرجي، جو تہ "كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِيْ شَأْنٍ"، ان (الله تعاليٰ) کي روزانو هڪ ڪم آهي، زمين ۽ سندس دوام ثبات ۽ پاڪائي، تربيت ۽ شفقت ۽ رحمت ۽ طاعتن جي قبول ڪرڻ ۽ ان تي شڪر ڪرڻ، ۽ ٻيون ان قسمن جهڙيون تسبيحون پڙهي ٿي، ملائڪ سڀورا ۽ سندس علم ۽ قدرت جي تسبيح پڙهن ٿا، ۽ ذوات المجردة (۱) ۽ وجوب ۽ ارادي کان جدا هوندي، ان جي تسبيح ڪن ٿيون.

۽ مادي مان اها شيءِ مراد آهي، جنهن سان شي جو وجود قائم هجي، ۽ وجوب مان مراد ڪنهن ۽ ذات (شيءِ) جي جند مراد آهي. مقصد تہ محسوس ۽ غير محسوس سيئي شيون هرحال ۾ خدا تعاليٰ جي تسبيح ۽ شڪر گذاريءَ ۾ مشغول آهن.

ان سموري وضاحت مان معلوم ٿيو تہ، اهي سيئي شيون، ان (خدا تعاليٰ) لاءِ پاڪائي ۽ واکاڻ بيان ڪندڙ آهن، پر اوهان انهن جي واکاڻ ڪرڻ کي نہ ٿا سمجهو، ڇاکاڻ تہ اوهان کي ملڪوت الاشياءِ (شين جي عالم غيب) تي نظر ۽ فڪر گهٽ آهي، ۽ (غفلت سبب) انهن شين ۾ اوهان جي گهري نظر نہ آهي، هن کي اهو سمجهندو، جيڪو دل جي دانائي رکندڙ هجي، يا ڪن لڳائي ۽ متوجهہ هجي. "انتهيٰ"

پوءِ تفسير عرائس (۲) جي قول مطابق معنيٰ هن طرح ٿيندي تہ، ڪا ۽ شيءِ نہ آهي، مگر اها الله تعاليٰ جي تسبيح ڪري ٿي، لساني حمد سان جو پاڻ کي گم ڪري ڇڏي، ۽ تاويلات (ڪتاب) جي عبارت مان اها معنيٰ ظاهر آهي. الله تعاليٰ وڌيڪ ڇگي طرح ڄاڻي ٿو.

---

(۱) ذوات المجردة مان مراد اهي شيون آهن، جيڪي جوهر ۽ مادي ٻنهي کان خالي هجن.

(۲) تفسير ابن عربي جي قول مطابق

www.maktabah.org

## خط مبارک اٹنيهون

# هيٺين حديث بابت مخدوم پير محمد رحمه الله تعاليٰ عليه طرف لکيو ويو

لَنْ يُّؤْمِنَ اَحَدُكُمْ حَتّٰى يُقَالُ اَنَّهٗ مَجْنُوْنٌ ۝

ترجمو: اوهان مان کو به تيستائين مؤمن ٿي نه ٿو سگهي، جيستائين ان کي ماڻهو چون ته هي چريو آهي.

اي مخدوم صاحب! هن فقير وٽ، جيکي حديثن جا کتاب موجود آهن، جهڙوڪ صحيح بخاري، ابن ماجه، مؤطا امام مالک، مصابيح ۽ مشکواة، تيسير الوصول الي جامع الاصول، منتخب جامع الاصول، منهج الاعمال ۽ شرح صراط مستقيم، تن سيني ۾ اها حديث مون کي ڏسڻ ۾ نه آئي آهي. البت مٿئين حديث جي معنيٰ ۽ مقصد واري پي حديث منهج الاعمال واري، جيکو امام سيوطي جي جامع الجوامع جو انتخاب آهي. ابو دائود، ترمذي حاکم کان هن طرح آندي آهي. اَلْمُؤْمِنُ غِرٌّ كَرِيْمٌ وَالْفَاجِرُ خَبٌّ لَئِيْمٌ (۱) ترجمو: يعني مؤمن سادو ناتجربيڪار ۽ سخي آهي ۽ فاجر، مڪار، دغا باز ۽ ڪنجوس آهي، ۽ ان ساڳي ڪتاب کان بيهقيءَ شعب الايمان ۾ هي پي حديث به آندي آهي. اَلْمُؤْمِنُ هَيِّنٌ لَيِّنٌ حَتّٰى تُخَالَهٗ مِنَ اللِّيْنِ اَحْمَقٌ (۲) يعني مؤمن آهستي ڪار ۽ نرم هوندو آهي. ايتري قدر جو تون نرم دليءَ سبب ان کي احمق سمجهندين.

اهي ٻئي حديثون حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت ڪيل آهن، ۽ بيهقي شعب الايمان ۾ بزار کان پي روايت حضرت انس رضي الله عنه کان هن طرح آندي آهي. اَكْثَرُ اَهْلِ الْجَنَّةِ الْبُلَهُ (۳) اڪثر جنتي پورڙا (سادي طبيعت وارا) هوندا.

---

(۱) جامع الاصول في احاديث الرسول ج ۱۱ ص ۷۰۱- ايضاً، شعب الايمان للبيهقي جلد ٦ ص ۲۷۰ ايضاً مستدرک الحاکم جلد ۱- ص ۴۳- ۴۴- ايضاً مسند ابي يعليٰ، جلد ٥ حديث ۵۹۸۱

(۲) شعب الايمان للبيهقي ج ٦، ص ۲۷۲- ان حديث جي لفظن ۾ لين کان بعد حتيٰ جو لفظ شعب الايمان ۾ ڪونهي.

(۳) بيهقي شعب الايمان جلد ۲ ص ۵۹- ۱۲۵- ۱۲٦- حديث ۱۱٦۳- ۱۳٦٦- ص ۵۹

www.maktabah.org

انهن حديثن جو ظاهري مضمون مؤمنن جي اخلاقن تي دلالت ٿوکري. لغت ۾ غِرٌّ،غين جي زير سان ناتجربي کار شخص کي چون ٿا، ۽ لين نرم، هين آسان ۽ خوار ۽ سکون وارو، ۽ خب دوکو ڏيندڙ ۽ ٺڳيندڙ ۽ بخيل آهي.

جيکي عقل معاش رکندڙ آهن، اهي فريب، بخل، حسد ۽ حرص سان پنهنجي مطلب پوري کرڻ پويان آهن،۽ ٻين ماڻهن جي مرادن کي پوري ٿيڻ ۾ خوش ناهن، ۽ ماڻهن سان ڏيتي ليتي وارن حسابن ۾ ڏاڍا چست چالاک آهن، ۽ منجهن نرميءَ وارو برتاءُ نه هوندو آهي ۽ انتقام ونڻ ۽ بردباريءَ نه کرڻ جا عادي هوندا آهن.

پر جيکي عقل معاد رکندڙ آهن، انهن جا اخلاق هن طرح آهن، جو اهي ٻين تي پروسو کرڻ، سچائي ڏيکارڻ،گناهه معاف کرڻ، ۽ کنهن کان انتقام نه ونڻ،سخاوت کرڻ ۽ ماڻهن جي فريب کي ڏسي وائسي قبول کرڻ وارا هوندا آهن، پوءِ اهڙن خلقن سببان،عامي ماڻهون، انهن کي احمق ۽ بيوقوف تصورکن ٿا،۽ پاڻ کي داناءُ ٿا سمجهن. پوءِ اهڙن اخلاقن کان سواءِ ايمان کامل نه ٿيندو، جيئن مطلق کي فرد کامل جي مثان اطلاق کري سگهبو آهي. اهي اخلاق کن ۾ فطري پيدائشي هوندا آهن، ۽ کي وري کوشش کري پاڻ ۾ پيدا کندا آهن، سندن کسب (يعني کوشش سان پاڻ ۾ سٹا اخلاق پيدا کرڻ) فنائيت کان اڳ ۾ مشکل آهي، ۽ فنا کان پوءِ اهي اخلاق سواءِ کنهن تکليف جي حاصل ٿين ٿا (سٹن اخلاقن جو فنا کان بعد از خود ظاهر ٿيڻ) فنائيت جي لوازمات مان آهي، ۽ فنا بذات خود بي شيءِ آهي، ڇاکاڻ ته اهو دل جو علم آهي، جنهن جي عام ماڻهن کي کا واقفيت کانهي. پوءِ جڏهن ته عقل معاش وارن جي کمن کارن جو بنياد تدبيرن (رٽ کرڻ) تي رکيل آهي، ۽ عقل معاد وارن جا اکثر کم، تفويض (سپ کجهه خدا تعاليٰ جي حوالي کرڻ) تي هلندڙ آهن، پوءِ جڏهن عقل معاش وارا، عقل معاد وارن جي کمن کي، بي تدبير توکل تي ڏسندا آهن، ته انهن کي نادان سمجهندا آهن، ۽ دستور آهي ته کنهن کي به پنهنجو عقل جڏهن کنهن ڳالهه جي صحيح هجڻ جي فتويٰ ڏيندو آهي ته هو ان کي دل ۾ رکي ان تي ڳڏ ڏيئي بيهندوآهي، ۽ پاڻ کان سواءِ ٻئي کي هو احمق ۽ نادان پائيندو آهي. اهڙن شخصن جي حق ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي. اَفَكُلَّمَا جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ بِمَا لَا تَهْوٰٓى اَنْفُسُكُمُ اسْتَكْبَرْتُمْ فَفَرِيْقًا كَذَّبْتُمْ وَفَرِيْقًا تَقْتُلُوْنَ (ترجمو) ڇا جڏهن توهان وٽ کو به رسول پيغام کڻي آيو جيکو توهان جي مرضي جي خلاف آهي ته تکبر کيو ٿا، پوءِ انهن نبين مان هک گروهه کي توهان

www.maktabah.org

ڪوڙو سمجهو ٿا ۽ ٻئي گروهه کي شهيد ڪريو ٿا.

جڏهن ڪافرن کي نبين سڳورن سندن دل ۾ ويندل باطل معبودن جي خلاف حق جي طرف دعوت ڏني ته هو جواب ۾ چوڻ لڳا. اَئِنَّا لَتَارِكُوْٓا اٰلِهَتِنَا لِشَاعِرٍ مَّجْنُوْنٍ (۱) ترجمو: ڇا اسان هڪ چريي شاعر جي چوڻ تي پنهنجي معبودن کي ڇڏي ڏيون! الله تعالیٰ وڌيڪ ٿو ڄاڻي!

## خط مبارڪ ٽيهون

## جلال ۽ جمال بابت مخدوم پير محمد رحمة الله عليه طرف لکيو ويو

پيارا! ڪي سالڪ طريقت جا صاحب، جلاليت واري وصف کي جماليت کان مقدم ٿا ڄاڻن. متوسط (ڪتاب) جي حاشيه ۾ شارح هن قول "اَحْمَدُ اللّٰهَ عَلٰى عَظْمَةِ جَلَالِهٖ - حَمْدٍ غَرِيْقٍ بِمُطَالِعَتِ جَمَالِهٖ" جي هيٺان لکيو آهي ته اتي مصنف جلال کي جمال کان هن ڪري مقدم آندو آهي، جو سالڪ جو سير پهريائين جلال واري صفت ۾ ٿئي ٿو، تنهن کان پوءِ جمال واري صفت ۾، ۽ سالڪن وٽ اهو ضروري آهي، بلڪ ڪن طالبن جي تربيت صرف جلالي صفت سان ڪئي ويندي آهي، ته ڪن جي محض جمالي صفت سان ۽ ڪن جي وري ٻنهي وصفن (جلال ۽ جمال) سان تربيت ٿئي ٿي. جيئن ڪتاب خلاصة المعارف ۾ لکيل آهي، ته جنهن سالڪ جي هنن ٻنهي وصفن (جلال ۽ جمال) ذريعي پرورش ٿيندي آهي ته سندس جلال ۾ خوف جي غلبي سببان جمال جي اميد واري صفت پيدا ٿيندي آهي، ۽ سندس جمال ۾ وري اميد جي غلبي سببان جلال جي، خوف واري صفت پيدا ٿيندي آهي.

حضرت سلطان العارفين بايزيد بسطامي قدس سره، جيڪا ابو تراب نخشبي رحمة الله تعالیٰ عليه جي مريد تي جلالي صفت سان نظر وڌي هئي (۽ هو ان کي جهلي نه سگهيو ۽ بروقت فوت ٿي ويو، ان جو سبب هي هو) جو اها نظر ذات حق جي تجلي واري نسبت جي هئي، ۽ ان مريد جي پرورش محض جمالي صفت سان ٿيل هئي. جيڪڏهن جلال ۽ جمال جي ٻنهي وصفن ذريعي سندس پرورش ٿيل هجي ها ته حضرت

(۱) سورة صٰفٰت آيت ۳۶

www.maktabah.org

سلطان العارفين قدس سره، جي جلالي نظر برداشت ڪري سگهي ها. ۽ سندس بشري وجود ختم نه ٿئي ها.

حضرت خواجہ بايزيد بسطامي قدس سره، فرمائين ٿا ته "هڪ پيري آ۽ محمد پارسا (بزرگ) سان جيڪو سچو درويش هو، هڪ جهنگ ۾ گڏ هوس، ۽ ڪنهن ڪر سانگي اتي ويو هوس. هڪ ٻئي سان ڳالهيون ويٺي ڪيوسين، تانجو عبوديت ۽ فدائيت وارن جي ڳالهين ۾ پياسون. محمد پارسا چيو ته فدائيت جي حد ڇا هوندي آهي؟ مون کيس چيو ته ان جي حد هيتري تائين آهي، جو جيڪڏهن ڪنهن درويش کي چئجي ته توکي مرڻ گهرجي ته اهو اتي جو اتي مري پوي. ان وقت مون ۾ (قدرتي طور) اها صفت ظاهر ٿي پئي ۽ محمد پارسا ڏانهن منهن ڪري چيم ته "مري پؤ" پوءِ اهو اتي ئي ڪري پيو، ۽ سندس بدن مان روح نڪري ويو، ۽ ڪچڙي منجهند کان ٻن پهرن تائين بي جان پيو هو. پوءِ مون کي اوچتو ان حالت ۾ الهام ٿيو ته تون چؤ اي محمد پارسا! جيئرو ٿيءُ. اهڙيءَ طرح ٿي پيرا چيم ته الله تعاليٰ جي قدرت سان ان ۾ حياتيءَ جون نشانيون ظاهر ٿيون ۽ هو جيئرو ٿي پيو.

محقق چون ٿا ته سالڪ جي تربيت جلال ۽ جمال واري ٻنهي وصفن سان ان وقت ٿيندي آهي، جڏهن اهو سالڪ (محبت ذاتي) جي حقيقت کي پهچي ۽ "محبت ذاتي" جي نشانين مان هڪڙي نشاني هي آهي جو محبوب جي طرفان هي چار نشانيون سامهون اچن ته انهن کي هڪ جهڙو ڏسي. جهڙوڪ، عزت، ذلت، نفعو ۽ نقصان (انتهي) مولانا رومي فرمائي ٿو:

عاشقم برقهر و بر لطفش بجد
اي عجب من عاشق اين هر دوضد

يعني: آ۽ سچ سان ان جي لطف ۽ قهر تي عاشق آهيان، عجب جهڙي ڳالهہ آهي جو آ۽ انهن ٻنهي ضدن، لطف ۽ قهر تي عاشق آهيان.

سلامتي هجي ان تي، جنهن تابعداري ڪئي هدايت جي. ۽ انهن سڀني تي جن ڪيو پاڻ تي لازم، نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ جي تابعداري ڪي.

www.maktabah.org

## خط مبارڪ ايڪٽيهون

# مهر نبوت جي باري ۾ مخدوم پير محمد رحمة الله عليه ڏانهن لکيو ويو.

اي مخدوم! مواهب اللدنيه وارو، تاريخ نيشاپوري کان نقل ٿو ڪري ته سندن "مهر نبوت" گوشت مان گولي ۽ جهڙي هئي، جنهن تي گوشت سان "مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ" لکيل هيو(۱)

حڪيم ترمذي (امام حافظ محمد بن علي) جي ڪتاب(نوادر الاصول) کان نثر شمائل، شرح شمائل ڪتاب واري لکيو آهي ته مهر نبوت جي شڪل ڪبوتر جي آني جهڙي هئي. جنهن جي اندروني پاسي کان وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ۽ ان جي ظاهر واري پاسي کان "تَوَجَّهْ حَيْثُ كُنْتَ فَاِنَّكَ مَنْصُوْرٌ" لکيل هو. يعني جيڏانهن به توهان متوجهه ٿيندا، اوهان کي اي نبي صلي الله عليک وسلم نصرت(مدد) ڏني وئي آهي(۲)

فتح الباري ۾ (علامه ابن حجر عسقلاني) فرمايو آهي ته مهر نبوت تي - مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ "يا "سِرُّ فَاِنَّكَ مَنْصُوْرٌ" وغيره (يعني اوهان اي نبي گهمو ڦرو، اوهان کي مدد ڏني آهي) لکيل هو. سي سڀ شيون صحيح سند سان ثابت ٿيل نه آهن. ابن حبان (پنهنجي ڪتاب صحيح ۾) انهن شين کي صحيح چئي غفلت ڪئي آهي(۳)

۽ (حافظ نورالدين ابو الحسن علي بن ابي بکر بن سليمان) الهيتمي پنهنجي ڪتاب(موارد الظمان الي زوائد ابن حبان) ۾ فرمايو آهي ته مهر نبوت (جنهن تي محمد رسول الله لکيل هو) جي باري ۾ بعض راوين کي غلطيء سببان هي مغالطو ٿيو آهي جو انهن مهر نبوت کي، ان مهر مبارڪ سان، جنهن سان پاڻ ڪريم جن خطن تي مهر

(۱) مواهب اللدنيه جلد اول ص۳۱
(۲) مواهب اللدنيه جلد اول ص۳۱
(۳) فتح الباري جلد٦ ص۴۳۹

www.maktabah.org

هٽنداهئا، ملائي هڪ سمجهيو آهي (۱) اهڙي طرح ابن حجر جي ڪتاب اشرف الرسائل شرح شمائل ۾ آهي.

خط مبارڪ نمبر ۱۰

سنڌي بيت، هر دم حج پڙهن ڪعبو پسن نه ڪاپڙي،
جي تشريح بابت، جناب مخدوم پير محمد
رحمة الله تعالىٰ عليه طرف لکيو ويو

سڀ تعريفون الله تعالىٰ جي لاءِ، جنهن انسان کي هن(دين اسلام) جي هدايت فرمائي جيڪڏهن الله تعالىٰ انسان کي هدايت نه فرمائي ها، ته انسان هدايت وارا نه ٿيون ها. بيشڪ انسان جي رب ڪريم جا پيغمبر حق سان آيا. صلاتون ۽ سلام ان (رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم) تي هجن، جنهن جو اسم مبارڪ ان جي وصال جي شوقينن لاءِ تمام لذيذ ۽ ڏاڍو مٺو آهي، ۽ پٺ ان جي آل ۽ اصحابن سڳورن تي رحمتون ۽ برڪتون هجن.

حمد ۽ صلاة ڪان پوءِ توهان تي الله پاڪ جي طرف ڪان سلامتي ۽ رحمتون ۽ برڪتون هجن.

**سوال** (مخدوم) عبدالرحيم منگريه شهيد (گرهوڙي صاحب رحمة الله تعالىٰ عليه) فرمايو آهي: "هر دم حج پڙهن ڪعبو پسن نه ڪاپڙي-" ڪا پڙي ڪير آهن؟

**جواب:** ڪاپڙي مان مراد اهو عارف انسان آهي، جنهن دنيا کي سڃاڻي ان سان دشمني رکي هجي، ۽ خدا تعالىٰ کي سڃاڻي ان سان دوستي رکي هجي. عارفن جي نگاهه رڳو خدا پاڪ تي هوندي آهي.

تذڪرة الاولياء ۾ آيو آهي ته حضرت شيخ بايزيد (بسطامي رحمة الله تعالىٰ عليه) فرمايو آهي، ته آءٌ جڏهن پهريون پيرو حج تي ويس ته (خاني ڪعبي) کي ڏٺم، ۽ ٻئي پيري حج تي ويس ته خاني ڪعبي جي مالڪ (الله تعالىٰ) کي ڏٺم. جڏهن ٽئين پيري ويس ته نه خانه ڪعبه کي ڏٺم، نڪي ان جي مالڪ کي ڏٺم، يعني آءٌ حق

(۱) موارد الظمان الىٰ زوائد ابن حبان ص۵۱۴

www.maktabah.org

سبحانه وتعاليٰ جي ذات ۾ اهڙو گم ٿي ويس جو مون کي کاڌ شيءِ ڏسڻ ۾ نه ٿي آئي جو کجهه ڏنر ته حق تعاليٰ کي ئي ڏنر ٿي. اَلتَّوْحِيْدُ اِسْقَاطُ الْاِضَافَاتِ، يعني توحيد جي معنيٰ آهي سيني شين جي نسبتن کي کيرائي ڇڏڻ. جڏهن ته گهر سان گهرجي مالڪ کي نسبت آهي ۽ توحيد ۾ (کنهن به شي سان) نسبت نه رهندي آهي، تڏهن (ٿئين پيري حضرت بايزيد رحمة الله تعاليٰ کي) نه گهر نظر آيو نه کي گهر جو مالڪ.

پيارا دوست! حج ۾ قسمن جو ٿيندو آهي: (۱) هڪڙو حج دوست جي ڳلي ۽ جو ارادو ڪرڻ، اهو عام ماڻهن جو حج آهي. (۲) ٻيو حج دوست جي منهن ڏانهن مائل ٿيڻ، اهو خاص ٻانهن جو حج آهي. جيئن ظاهري ڪعبو جيڪو مٽي ۽ پٿرن مان جڙيل آهي سو عام ماڻهن جو قبلو آهي. تيئن اندر ۾ به ڪعبو آهي (جيڪو) حق تعاليٰ جو منظور نظر آهي. سا دل ئي آهي جيڪڏهن ظاهر وارو ڪعبو عام ماڻهن لاءِ طواف جي جاءِ آهي ته دل وارو ڪعبو خالق جي مهربانين جو مرڪز آهي. هو (ظاهري ڪعبو) زيارت ڪندڙن جو مقصود آهي ته هي اندر وارو ڪعبو، انوار الاهي جي پوڻ جي جاءِ آهي. هت گهر آهي ته اتي گهر جو مالڪ: جيئن مولوي فرمائي ٿو:

**رباعي**

اي قوم بحج رفته کجائيد کجائيد
معشوق همين جا است بيائيد بيائيد
صدبار ازين راه ازان خانه برفتيد برفتيد
يکبار بدين خانه در آئيد

يعني اي حج تي ويندڙ قوم ڪٿي آهيو ڪٿي آهيو. معشوق هتي آهي اچو اچو. سو پيرا خانه ڪعبه ڏانهن ويا آهيو ويا آهيو، هڪ پيرو هن وات کان هن دل واري گهر ڏانهن اچو. مثنوي ۾ آهي

حج زيارت کردن خانه بود
حج رب البيت مردانه بود

حج خانه ڪعبي جي زيارت هوندو آهي. بيت الله جي مالڪ جو حج مردن جو هوندو آهي.

کعبه را کو هردمي عزمي فزود
آن ز اخلاصات ابراهيم بود

www.maktabah.org

کعبو جنهن جي عزت هر وقت وڏي ٿي. اهو (حضرت) ابراهيم جي خلوص جي ڪري آهي.

فضل آن مسجد زخاک وسنگ نیست
لیک دربناش حرص وجنگ نیست

ان مسجد جي فضيلت مٽي ۽ پٿر جي ڪري نه آهي، ليڪن ان جي ٺاهيندڙ ۾ حرص ۽ جهيڑو نه آهي.

بر دراین خانہ گستاخي زچیست
گرهمي دانید کاندر خانہ کیست

هن خاني ڪعبي جي اڳيان گستاخي ڇا جي ڪري آهي جيڪڏهن ڄاڻو ها ته هن خاني ڪعبي ۾ ڪير آهي؟

جاهلان تعظیم مسجد مي کنند
در جفائي اهل دل جد مي کنند

جاهل مسجد جي ته تعظيم ڪندا آهن(پر) اهل دل(درويشن) تي ڏاڍو ظلم ٿا ڪن.

آن مجازاست این حقیقت اي فلان
نیست مسجد جز درونِ سروران

اي فلاڻا! هو گهر مجاز آهي، هي دل وارو گهر حقيقت آهي، بزرگن جي مسجد، دل کان سواءِ ٻي ناهي.

مسجد کان اندرون اولیا است
سجده گاهِ جمله هست آنجا خدا است

اها مسجد جيڪا ولين جي باطن(اندر) ۾ آهي، اها سڀني جي سجدي گاهه آهي، جو خدا ان ۾ آهي.

تذکرة الاولیاء ۾ آهي ته حضرت شيخ بايزيد قدس سره، فرمايو ته هڪ نيڪ مرد مون کي ڪڏيو. مون کان پڇيائين ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ عرض ڪيم ته حج تي. چيائين خرچ گهٽو ڪنيو اٿئي؟ چيم ته (چاندي ۽ جا) ٻه سو درهم. ان بزرگ مون کي چيو ته اهي مون کي ڏي، ۽ منهنجي چوڌاري ست ڀيرا طواف ڪر، گويا تو حج ڪيو. مولانا رومي مثنوي ۾ ٻه ان جي خبر ڏني آهي.

www.maktabah.org

گفت طوفي کن بگردم هفت بار
وآن نکوتر از طواف حج شمار

ان درويش فرمايو تہ مون کي چوڏاري ست ڀيرا طواف ڪر، ۽ ان کي حج جي طواف کان بهتر سمجهہ.

و آن درمها پيش من نه اي جواد
دانکہ حج کردي وشد حاصل مراد

اي سخي! اهي درهر منهنجي اڳيان رک. سمجهہ تہ تو حج ڪري ڇڏيو ۽ مقصد پورو ٿي ويو.

عمره کردي عمر باقي يافتي
صاف گشتي برصفا بشتافتي

تو عمرو ڪيو ۽ بقاواري زندگي لڏئي. تون پاڪ ٿي وئين، ۽ گويا (جبل) صفا تي ٻہ ڊوڙئين.

حق آن حقي کہ جانت ديده است
کہ مرا بربيت خود بگزيده است

ان خدا جو قسر جنهن کي تنهنجي روح ڏنو آهي، تہ ان پنهنجي گهر تي مون کي فضيلت بخشي آهي.

کعبہ هر چندين کہ خانہ براوست
اين دل من نيز خانہ سراوست

هي حقيقت آهي تہ ڪعبو ان جي عبادت جو گهر آهي. هي منهنجي دل ٻہ ان جي اسرار جو گهر آهي.

چون مرا ديدي خدا را ديده ٔ
گرد کعبہ صدق برگرديده ٔ

جڏهن تو مون کي ڏنو تہ گويا خدا کي ڏنو اٿئي. سچائي سان ڪعبي جي چوڏاري طوف ڪيو اٿئي.

خدمت من طاعت و حمد خدا است
تانہ پنداري کہ حق از من جداست

منهنجي خدمت ڪرڻ، گويا الله تعاليٰ جي عبادت ۽ حمد آهي. خبردار!

www.maktabah.org

ڪڏهن به نه سمجهجان ته الله تعاليٰ مون کان جدا آهي.

چشم نيکو بازکُن در من نگر
تابه بيني نور حق اندر بشر

چگيءَ طرف اک کول، مون منجهه نظر ڪر، تانجو تون بشر ۾ الله تعاليٰ جو نور ڏسين. وڌيڪ لکڻ کان بس ٿو ڪريان، جو سياڻن لاءِ ايترو ڪافي آهي.

سلام هجي توهان ۽ توهان جي پاڙيسرين تي.

خط ٽيٽيهون

## معراج واري رات ۾ حضور اڪرم ﷺ جي ديدار جي تحقيق بابت مخدوم پيرمحمد رحمه الله تعاليٰ عليه ڏانهن لکيو ويو.

معلوم هجي ته معراج واري رات حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جو الله تعاليٰ کي متي واري ظاهري اکين سان ڏسڻ جي بابت، صحابه ڪرام رضي الله تعاليٰ عنهم ۾ اختلاف آهي. حضرت عائشه رضي الله عنها ان جي نفي ٿي فرمائي، ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ان جي اثبات جو قائل آهي، ۽ هر هڪ سان سندن تائيد لاءِ صحابه ڪرام جي جماعت ڳڏ آهي. اصحابن کان پوءِ تابعين ۽ تبع تابعين ۾ به اهڙي طرح اختلاف رهيو آهي. ڪن وري ان مسئلي بابت ماڻ کي پسند ڪيو، ۽ چيو اٿن ته ڪنهن به (نفي يا اثبات جي) دليل کي ترجيح ڏيڻ لاءِ وضاحت ٽيل نه آهي.

مگر جمهور جو رايو اثبات ڏانهن آهي. شيخ محي الدين نووي رحمة الله تعاليٰ عليه فرمايو آهي، ته اڪثر وڏن عالمن وٽ راجح ۽ مختار قول موجب، حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم پنهنجي متي مبارڪ وارين ظاهري اکين سان پنهنجي پروردگار کي ڏٺو آهي، ۽ امام نووي فرمايو آهي، ته ان جو اثبات حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي قول مبارڪ ٻڌڻ کان سواءِ صحيح نه ٽيندو. حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جيڪو انڪار ڪيو آهي، سو به ڪنهن حديث مان دليل ڪونه ورتو اٿس، نه اهڙي حضور جن کان ڪا روايت نقل ڪئي اٿس، بلڪ ان پنهنجي طرفان قرآن ڪريم جي هن آيت مان اجتهاد ڪري استنباط ڪيو آهي. جيئن الله سبحانه وتعاليٰ جو فرمان

www.maktabah.org

آهي: "۽ ڪنهن بہ انسان کي طاقت نہ آهي، جو الله تعاليٰ ان سان ڪلام فرمائي، مگر وحي ذريعي، يا اهو بشر پردي کان ٻئي پاسي هجي"- القرآن(۱)

۽ ٻيو بہ خداوندي فرمان آهي: " اکيون ان جو احاطو نٿيون ڪن، ۽ سڀ اکيون ان جي احاطي ۾ آهن"- القرآن(۲)

انهن جو جواب هن طرح آهي، تہ پهرئين آيت ۾ جيڪا نفي آهي، سا سامهون ديدار جي حالت ۾ ڪلام ڪرڻ جي نفي ٿيل آهي. پر ان آيت مان بنا ڪلام جي ديدار جي نفي لازم نہ ٿي اچي، ۽ (ٻي آيت ۾ ادراڪ جي نفي آيل آهي، تنهن لاءِ سمجهڻ گهرجي تہ) ادراڪ احاطي کي چئبو آهي، تنهن ڪري احاطي جي نفي مان مطلق ديدار جي نفي ثابت نہ ٿيندي.

۽ بعض عالمن جو چوڻ آهي، تہ ان باري ۾ حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما جي قول تي پروسو ڪيو ويندو، ۽ هي ڳالهہ بہ يقيني آهي، تہ ان اها ڳالهہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم کان بغير ٻڌڻ جي ڪانہ ڪئي هوندي، ۽ اهو بہ ٿي نہ ٿو سگهي، جو ايڏو وڏو قول، گمان ۽ اجتهاد جي بنا تي چوي، ۽ حضرت ابن عمر رضي الله تعاليٰ عنهما پنهنجي سابق قول کان رجوع فرمائي، ان مسئلي جي اثبات بابت اقرار ڪيو آهي. جڏهن ڪائن پڇيو ويو هو تہ ڇا محمد صلي الله عليه وسلم پنهنجي رب کي ڏٺو؟ جواب ڏنائون تہ هائو! ڏٺو هئائون. پوءِ حضرت ابن عمر رضي الله تعاليٰ عنهما تسليم فرمايو، ۽ ڪڏهن بہ ان باري ۾ شڪ ۽ انڪار جي واٽ نہ ورتي آهي، ۽ معمر بن راشد چوي ٿو تہ اسان وٽ هي ڳالهہ مجيل آهي، تہ بي بي عائشه رضي الله تعاليٰ عنها حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان علم ۾ وڌيڪ نہ آهي، ۽ مشائخ صوفياءِ ڪرام جي اڪثريت وٽ بہ مختيار مذهب اهو آهي، تہ هو ديدار جي ثبوت جا قائل آهن.

در حقيقت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم کي اها ڪمالیت حاصل ٿيل آهي، جيڪا مخلوق جي عقل ۽ سمجهہ کان ٻاهر آهي. خصوصاً معراج واري رات قرب جو اتم، اڪمل، اعليٰ ۽ تمام مٿاهون مقام کين عطا ٿيو هو. جڏهن تہ هن دنيا ۾ خدا تعاليٰ جي ديدار جي ممڪن هجڻ لاءِ ڪنهن کي بہ اختلاف ڪونہ آهي، اگر هن جهان ۾ جيڪا شيءِ (ديدار خداوند تعاليٰ) ممڪن آهي، اها جيڪڏهن معراج واري رات

(۱) سورة شوريٰ آيت ۵۱

(۲) سورة انعام آيت۱۰۳

www.maktabah.org

پنهنجي رب سان ڪين انتهائي قرب ۽ ڪمال حاصل ٿيڻ باوجود نه عطا ٿي هجي ،ته پيهر ڪٿي ۽ ڪيئن حاصل ٿيندي؟ شايد ظاهري اکين جي ديدار کي آخرت سان مخصوص ڪري،۽ ان جهان تي موقوف رکيو ويو هجي. مگر ان تي ڪوبه مضبوط دليل آندل نه آهي. هن جهان ۾ مناسب سبب جي ڪري هت ظاهري ديدار جو حاصل ٿيڻ ته ٿي سگهي ٿو(پو جو) حالتن ۽ سببن جا ڪجهه تفصيل آخرت واري جهان تي موقوف ٿي سگهن ٿا. جڏهن ته ان بابت سموري گفتگو علمي ۽ نقلي آهي،تنهن لاءِ ايترو مختصر لکيو ويو،۽ معرفت وارن محققن وٽ ته هن بابت اڃان ڪابي ڳالهه آهي، وڌيڪ الله پاڪ ٿو ڄاڻي.

تفسير لطائف (۱) وارو هن آيت بابت لکي ٿو. مَاكَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰي (۲) دل کوڙ نه چيو جيکو ڏٺائين، يعني دل کوڙ نه چيو، نه ڪو انڪار ڪيائين، نه شڪ ٿيس، ان ۾ جيکو ظاهر ظهور پنهنجي رب کي ڏٺائين، جيئن الله تعاليٰ جو هي فرمان ان لاءِ ڪافي آهي، ڇا توهان ان سان ان جي ڏٺل تي جهڳڙو ڪيو ٿا(۳) القرآن محمد صلي الله عليه وسلم جو پنهنجي رب جي ذات والا صفات کي ڏسڻ ۾ توهان کي شڪ آهي ڇا؟ پوءِ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم پنهنجي رب پاڪ کي مٽي وارين اکين سان ڏٺو، سندس ان ديدار ۾ شڪ نه ڪيو ويو.

## چوٽيهون خط مبارڪ

## صبر ۽ پنهنجي معاملن کي خدا تعاليٰ جي سپرد ڪرڻ لاءِ حرص ڏيارڻ بابت جناب قاضي عبدالرحمٰن وينڊ ڪونهرو ڏانهن لکيو ويو.

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سڀ ساراهه رب سائين لاءِ جيکو سڀني جهانن جو پالينڊڙ آهي. صلاتون ۽ سلام ان ذات تي جنهن کي رب سائين سڀني جهانن لاءِ رحمت بنائي موڪليو

(۱) سورة النجم آيت ۱۱ء
(۲) نوٽ تفسير لطائف ۾ مٿين عبارت نظر ڪانه آئي(مترجم)
(۳) سورة النجم آيت ۱۲

www.maktabah.org

آهي، ۽ ان جي آل اطهار ۽ وڏي عزت وارن اصحابن تي قيامت تائين رحمتون، برڪتون هجن.

حمد ۽ صلواة کان پوءِ، غني ۽ سخي (رب) جي طرف. تمام نندڙي فقير محتاج جي سلامن جو تحفو، وڏن عالمن جي انتخاب ۽ پوين فاضلن جي پيشوا، حقيقت جي رازن جي واقف ۽ باريک نڪتن جي ڄاڻو. قاضي ميان عبدالرحمن صاحب (الله تعاليٰ کيس سلامت رکي) ڏانهن پهچي. جڏهن اوهان وارو دل کي وٽندڙ خط جيڪو شڪايت واري طريقي تي لکيل هو، عزت واري هنڌان ظاهر ٿيو ته انتظار واري دل کي گهٽي خوشي جي روشني بخشيائين.

اي دوست! الله تعاليٰ جنهن ماڻهو کي پنهنجي محبت واري نعمت عظميٰ سان مشرف ڪري ٿو ته ان کي هن دنيا جي بازار ۾ مصيبتن جي ڪسوٽي تي ابوجهل پارن جي هٿان آزمائي ٿو، ۽ ان کي امتحان جي ڪوناريءَ ۾ وجهي ڳاري ٿو.

خموش حافظ واز جور يارنالہ مکن
تراکہ گفت کہ در روئي خوب حيران باش(۱)

اي حافظ چپ رهه ۽ دوست جي ظلم کان دانهون نه ڪر، توکي کنهن چيو هو ته خوبصورت چهري تي عاشق ٿيءُ.

پيغمبر ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو آهي، ته جڏهن الله تعاليٰ ڀانهي سان محبت فرمائيندو آهي، ته ان کي آزمائيندو آهي، ۽ جنهن ان سان گهٽي دوستي رکي ته ان کي آزمائش ۾ فنا ڪري ٿو. بي حديث شريف ۾ آهي، ته جنهن وقت الله تعاليٰ کنهن ڀانهي سان محبت ڪندو آهي، ته ان کي آزمائيندو آهي. پوءِ جيڪڏهن اهو ڀانهو صبر ڪندو، ته ان کي پسند ڪندو آهي، ۽ جيڪڏهن اهو ڀانهو ان آزمائش تي راضي رهيو، ته ان کي چونڊيندو آهي، ۽ پڻ الله تعاليٰ پنهنجي خلوت (اڪيلائي) ۾ انهن سان قرب ۽ دوستي واري ڳوٽ سان ڪيڏي ٿو.

ابن يامين را عجب حالت بنگر
در صحرا دزد درخانہ برادر

يعني حضرت بن يامين جي عجب واري حالت ته ڏس، جو بيابان ۾ چور ۽ گهر ۾ ياءُ. اهو سڀ ڪجهه محبوب جي غيرت جي ڪمال سببان آهي، (جو ته) جڏي

(۱) ديوان حافظ ص ۲۵۰

www.maktabah.org

غيرت گهٽي آهي، تہ اتي پرڪائون بہ گهٽيون آهن.

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو آهي:"ھ سخت پرڪ انبياءَ عليهم السلام تي ايندي آهي، پوءِ ولين تي پوءِ درجہ بدرجي هيٺ ان جهڙن تي."(۱)

اي دوست! جڏهن دوستي واري امانت جي بار کڻڻ کان آسمانن ۽ زمينن ۽ هر شيءِ انڪار ڪيو، پر انسان جيڪو ديدار واري پيالي سببان مست هو، تنهن ان کي قبول ڪيو،۽ مستيءَ سببان ان جي ڳري بار کان بي خبر رهيو،۽ ڳري بار کڻڻ سببان پنهنجي نفس تي ظلم ڪيائين.

تامست نگر دي نكشي بار غم عشق
آري شتر مست كشد بارگران را

يعني جيستائين مست نہ ٿيندين، تہ عشق جي غم جو بار نہ کڻي سگهندين، هائو مست اٺ ڳرو بار (مستيءَ سببان) کڻي ويندو آهي.

اي دوست! جڏهن الله تعاليٰ فرمايو آهي، تہ کابہ شيءِ الله تعاليٰ جي حڪم کان سواءِ حرڪت نہ ٿي ڪري، تہ طالب کي گهرجي تہ مخلوقات جي سمورن ڪمن جو تعلق، حقيقي فاعل الله تعاليٰ سان ڳنڍي، فرمانبرداري وارو ڳٽ پنهنجي ڳچي ۾ وجهي.

مكن ترش روئي بدشمن ودوست
كہ اين شور برخاستہ از خانہ اوست

دوست ۽ دشمن سا منهن نہ گهُنجاءِ ،چاڪاڻ تہ هي هُل هُلاڇو ان جي گهر مان ئي اٿيل آهي.

پيارا! عاشقن جا ٽي قسم آهن. ۱- هڪڙا عاشق ذاتي ۽ پيا عاشق صفاتي ۽ ٽيان عاشق افعالي.

پوءِ جيڪي عاشق صفاتي ۽ افعالي هوندا آهن،۽ جن جو محبوب ڏانهن طبعي لاڙو جن فعلن ۽ صفتن جي سببان هوندو آهي، جيڪڏهن اهي صفتون ۽ فعل ڪن ضدن جي پيدا ٿيڻ سبب محبوب مان ميڙجي ختم ٿي وڃن تہ اهڙن عاشقن جي دوستي وارو سج لهي ويندو آهي، پر عاشق ذاتي ڏک تورڙي سک ۽ عافيت ۽ مصيبت ۾ هڪ جهڙو هوندو آهي.

(۱) المستدرک للحاڪم جلد ۳ ص۳۴۳

www.maktabah.org

عاشقم برلطف وبر قهرش بجد
اي عجب من عاشقم اين هر دو ضد

آءٌ سچ سان ان جي لطف ۽ قهر تي عاشق آهيان، عجب آهي، جو آءٌ انهن بنهي ضدن (لطف ۽ قهر) جو عاشق آهيان.

بر لطف تو عاشقم بر قهر تو عاشق ترم
و اين عجب تر كه من عاشقم بر هر دو ضد

تنهنجي مهرباني تي بہ عاشق آهيان، تنهنجي قهر تي تہ وڌيڪ عاشق آهيان، ۽ هي وڌيڪ عجب جهڙي ڳالهہ آهي، جو بنهي ضدن تي عاشق آهيان.

لطف خدا دم بدم ، قهر خدا گاه گاه،
هي بہ سجڻ واهہ واهہ، هو بہ سجڻ واهہ واهہ.

اي پيارا! الله تعالىٰ جل شانہٗ جي رضا، بانهي جي رضا تي موقوف آهي. بانهي کي ٽن شين تي راضي ٿيڻ گهرجي: ۱- امتثال امر (حڪمن جي بجاآوري تي) ۲- اجتناب نواهي (منع ڪيل ڪمن کان روڪجڻ تي) ۳- قضا ۽ تقدير الاهي جي آڏو سر جهڪائڻ تي.

سپردم بتومايئہ خويش را
تو داني حساب كم وبيش را

مون پنهنجي موڙي تنهنجي حوالي ڪري ڇڏي. تون ئي ٿوري گهٽي حساب کي ڄاڻين ٿو.

نياوردم از خانہ چيزي نخست
تو دادي همہ چيز من چيز تست

مون پنهنجي گهران ڪابہ شيءِ ڪانہ آندي آهي، منهنجون سڀ شيون تنهنجون تہ ڏنل آهن.

اي پيارا! ورد وظيفا کهڙي ڪم جا؟ جيڪڏهن جسم، جان ۽ دل خدا تعالىٰ جي رضامندي ۾ مشغول هجن، تہ اهو مناسب آهي.

كمترين بازي درين ميدان بود سر باختن
در كف طفلان چون چوگان است اين جا دارها

هن ميدان جي گهٽ ۾ گهٽ راند هي آهي، جو سر سان کيڏجي، جيئن

ٻارن جي هٿ ۾ ڏکر هوندو آهي.

سر در قدم يار فدا شد چه بجا شد
اين بارگران بود ادا شد چه بجاشد

يار جي قدمن ۾ سر فدا ٿيو ته چا ٿي پيو، اهو ڳرو بار هيو، جيکو لٿو ته چا ٿي پيو.

عربي شعر

الا لا تحزن الاخ البليه
فلرحمن الطاف خفيه

خبردار اي ياءُ! مصيبت جو غم نه کر، چوته الله سائين ٻاجهاري جون مخفي مهربانيون آهن.

**سنڌي بيت**

سدا سور نه هون، گوندر وجن گذري
اهکايون، عاقل چوي پرکا کارڙ پون
چنگا ائين چون، ته در نه متجي دوست جو

الله تعاليٰ فرمايو آهي، "اهي جن کي ماڻهن چيو ته توهان (سان جنگ کرڻ) لاءِ ماڻهن جڏا گڏ کيا آهن، ته توهان انهن کان ڊجوته انهن جو ايمان اڃان به وڌيڪ ٿيو، ۽ چيائون الله اسان لاءِ کافي آهي، ۽ کڙو نه سهڻو کارساز آهي." (۱)

اي پيارا! دنيوي نعمتن جي ختم ٿي وڃڻ تي افسوس کرڻ شريرن جو کم آهي، ۽ بهشت جي اميد رکڻ نيکن جو کم آهي. موت جي تمنا کرڻ مقربين جي نشاني آهي.

بس ٿو کريان جو دانائن لاءِ ايترو کافي آهي. پوءِ ڏک سک ۽ سلامتي ۽ مصيبت ۾ الله تعاليٰ جو هر حال ۾ حمد کرڻ گهرجي، ڇاکاڻ ته حڪيم جو کوبه کم حڪمت کان خالي نه هوندو آهي. شايد ان ۾ ٻانهي لاءِ ڇگائي جو ارادو هجي. (جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي) ته جلدي جنهن شيءِ کي اوهان خراب پانيو ٿا، سا اوهان لاءِ بهتر هجي، ۽ جنهن کي پسند کيو ٿا، سا اوهان لاءِ خراب هجي. الله تعاليٰ ئي بهتر ڄاڻي ٿو، ۽ توهان نه ٿا ڄاڻو. پوءِ اوهين الله تعاليٰ جي پرکاتي صبر کريو، ۽ الله سبحانه وتعاليٰ جي قضا تي راضي رهو.

زياده توهان تي ۽ توهان جي پروارن تي سلام هجن.

(۱) سورة آل عمران آيت ۱۷۳

www.maktabah.org

## خط پنجٽيهون

# ڪنهن شخص هن آيت وَاِنْ مِّنْكُمْ اِلَّا وَارِدُهَا "الخ" بابت سوال پڇيو هيو، ان جي جواب ۾ لکيو ويو

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الله تعاليٰ فرمايو آهي: "۽ توهان مان ڪوبه اهڙو نه آهي، جنهن جو دوزخ تي گذر نه ٿئي." (۱)

ان بابت تفسير مدارڪ هن طرح لکيو آهي، ته "واردها" جو مطلب آهي، ته سڀ ڪو باهه ۾ داخل ٿيندو. لفظ الورود جي معنيٰ، حضرت علي ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهم "الدخول" (داخل ٿيڻ) ڪئي آهي، ۽ جمهور اهل سنت جو به اهو مذهب آهي، جيئن ورود لفظ دخول جي معنيٰ ۾ هن آيت ۾ به آيل آهي. (ڏسو) قرآن مجيد ۾ آهي: فاورد هم النار (فرعون پنهنجي قوم کي) دوزخ ۾ اڇي داخل ڪندو. (۲) ۽ الله تعاليٰ جو هي به فرمان آهي، ته "جيڪڏهن اهي (بت توهان جي گمان موجب) خدا هجن ها ته جهنم ۾ داخل نه ٿين ها." (۳)

۽ اهڙي طرح "ورود" جي دخول معنيٰ ونڊ، اشارة النص ذريعي هن آيت مان به ثابت آهي. جيئن قرآن ۾ آهي: الله تعاليٰ فرمايو آهي، پوءِ اسان ڊڄ وارن کي بچائي ونداسين. (۴)

چوته نجات ڏيڻ به ته دوزخ ۾ داخل ڪرڻ کان بعد ٿيندي، جيئن نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جو فرمان آهي، ته "ورود" جي معنيٰ داخل ٿيڻ آهي.

ڪوبه نيڪ يا بد نه بچندو، مگر اهو دوزخ جي باهه ۾ داخل ٿيندو. پوءِ اها باهه مؤمنن تي سلامتي واري ٺڏي ٿيندي، جيئن حضرت ابراهيم عليه السلام تي ٿي هئي، ۽ مؤمنن کي باهه چوندي ته اي مؤمن جلدي لنگهي وڃي. بيشڪ تنهنجو (ايماني)

(۱) سورة مريم آيت ۷۱
(۲) سورة هود آيت ۹۸
(۳) سورة انبياء آيت ۹۹
(۴) سورة مريم آيت ۷۲

www.maktabah.org

نور منهنجي شعلي کي اجهائي ٿو.

ڪن جو چوڻ آهي، ته ورود جي معنيٰ دخول آهي، پر اهو دخول ڪافرن لاءِ مخصوص آهي، ۽ اهو حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جي قرائت موجب آهي، جو انهن جو چوڻ آهي، ته آيت وَاِنْ مِّنْكُمْ جي بي قرآءت وَاِنْ مِّنْهُمْ آهي. (جنهن مان مراد ڪافر آهن) ۽ پهرين معنيٰ کي مشهور قرائت (وَاِنْ مِّنْكُمْ) تي محمول ڪيو ويندو، ۽ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله تعالیٰ عنه کان روايت آهي، ته ورود مان مراد حضور (حاضر ٿيڻ) آهي، جيئن قرآن مجيد ۾ آهي. جڏهن (موسیٰ عليه السلام) مدين واري ڳوٺ جي کوهه جي پاڻي تي حاضر ٿيو. (۱)

(ان معنيٰ تي هن آيت ذريعي هڪ اعتراض ٿئي ٿو) جو الله تعالیٰ فرمايو آهي ته اهي (جن لاءِ الله تعالیٰ پلائي ڪري ڇڏي آهي) جهنم کان پري ڪيا ويا آهن. (۲)

(پوءِ اهي ڪيئن جهنم وٽ حاضر ڪيا ويندا؟) جواب ڏنو ويو آهي، ته (ان مان مراد اها آهي، ته دوزخ وٽ حاضر هجڻ جي باوجود) ان جي عذاب کان پري ڪيا ويندا. حضرت حسن ۽ حضرت قتاده رضي الله عنهما کان روايت آهي، ته "الورود" جي معنيٰ المرور علي الصراط آهي، ڇاڪاڻ ته پل صراط تان سڀني جو لنگهڻ ٿيندو، جو پل صراط دوزخ تي وڇايل هوندي. پوءِ جنتي سلامتي سان پار ٿيندا، ۽ دوزخي (دوزخ ۾) هڪ ٻئي جي مٿان ڪيرايا ويندا.

حضرت مجاهد کان روايت آهي، ته مؤمن جو باهه ۾ لنگهڻ هن طرح آهي، جو ان کي دنيا ۾ بخار لڳندو، ڇاڪاڻ ته نبي ڪريم صلي الله تعالیٰ عليه وسلم فرمايو آهي، ته هرهڪ مؤمن لاءِ باهه وارو نصيب ڪيس بخار جي صورت ۾ ملندو. هڪ صحابي ٻئي کي چيو ته ڇا توکي (دوزخ جي) باهه تان لنگهڻ جو يقين آهي؟ ان چيو هائو، ان وري پڇيس ته ڇا توکي اتان واپس اچڻ جو يقين آهي؟ ان چيو ته نه، تنهن تي ان چيو ته پوءِ هي ڪلڻ ۽ زبردستي پاڻ تي بار رکڻ ڇا لاءِ آهن؟ (۳)

تصوف وارن وٽ ان آيت جي معنيٰ هي آهي، ته سيئي انسان قبرن مان

(۱) سورة القصص آيت ۲۳
(۲) سورة الانبياء آيت ۱۸۰
(۳) تفسير مدارک سورت مريم جلد ۳ ص۴۲- ۴۳

www.maktabah.org

اٽڻ ۽ ٻيهر جيئري ٿيڻ وقت ضرور عالم طبيعي ڏانهن موٽندا، ڇاڪاڻ ته اهو "عالم قدس" جو مجاز آهي. (۱)

## خط مبارک ڇنيهون

## مريد جي ڪامل مرشد سان بيعت ڪرڻ بابت، قاضي ميان عبدالرحمن ڏانهن لکيو ويو

بسم الله الرحمن الرحيم

سڀ تعريفون الله تعاليٰ لاءِ جنهن اسان کي ايمان ڏئي احسان فرمايو، ۽ اسان کي يقين واري واٽ تي استقامت جي هدايت فرمائي، ۽ اسان جا سينا معرفت ۽ محبت جي نورن سان کوليائين، ۽ اسان کي پنهنجي ديدار واسطي عاشقن جي جماعت مان بنايائين، ۽ اسان کي پنهنجي محبوب آخر زمان جي متابعت عطا فرمايائين. صلاتون ۽ سلام سندس مخلوق مان پلي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم تي هجن، جيڪو انساني رازن جو خزانو آهي، ۽ پٽ ان جي آل ۽ اصحابن تي رحمتون هجن جو اهي هدايت ۽ معرفت جا ستارا آهن.

اما بعد! الله تعاليٰ فرمايو آهي، بيشڪ اهي جيڪي تنهنجي بيعت ڪن ٿا، اهي الله سائ ئي بيعت ڪن ٿا، انهن جي هٿن تي الله جو هٿ آهي. پوءِ جنهن عهد ٽوڙيو، ان پنهنجي بري عهد کي ٽوڙيو، ۽ جنهن پورو ڪيو، اهو عهد جيڪو ان الله سان ڪيو هو ته تمام جلد الله ان کي وڏو ثواب ڏيندو. (۲)

ٻئي هنڌ ۾ خدا تعاليٰ فرمايو آهي: "بيشڪ الله مؤمنن کان راضي ٿيو، جڏهن اهي وڻ هيٺان تنهنجي بيعت ڪن پيا، پوءِ الله ڄاتو، جو ڪجهه انهن جي دلين ۾ هو، پوءِ انهن تي اطمينان نازل ڪيائين، ۽ انهن کي جلد اچڻ واري فتح جو انعام ڏنائين، ۽ تمام گهڻيون غنيمتون جن کي ونندا، ۽ الله عزت ۽ حڪمت وارو آهي." (۳)

۽ اهڙي طرح قرآن مجيد ۾ آهي: "اي نبي جڏهن توهان وٽ مسلمان

(۱) تفسير ابن عربي جلد ۲ ص۲۴
(۲) سورت الفتح آيت ۱۰
(۳) سورة الفتح آيت ۱۸- ۱۹

www.maktabah.org

عورتون، هن تي بيعت ڪرڻ لاءِ حاضر ٿين تہ الله سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪندیون، ۽ چوري نہ ڪندیون، ۽ زنا نہ ڪندیون، ۽ نہ ڪو پنهنجي اولاد کي قتل ڪندیون، ۽ نہ اهڙا بهتان آڻيندیون، جنهن کي پنهنجي هٿن ۽ پيرن جي وچ ۾ ڪٽن، (يعني پرايو ٻار ڪٽي مڙس کي ڏوکو نہ ڏيندیون تہ ڪو اهو انهن جو پيٽ جائو آهي جيئن جاهليت جي زماني ۾ اهو دستور هيو) ۽ نہ ڪو ڪنهن نيڪ ڪالهہ ۾ توهان جي نافرماني ڪندیون (تہ پوءِ تون انهن کان بيعت وٺ ۽ الله کان انهن لاءِ مغفرت گهر، بيشڪ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. (۱)

ديني پائڻ جي جماعت ۽ يقين واري واٽ جي طالبن لاءِ لازم ۽ واجب آهي، جو هو ڏسن تہ تابعداري ڪرڻ جي احڪامن کي مضبوطي سان وٺندڙن ۽ بيعت جي احڪامن تي پروسو ڪندڙن لاءِ رباني ڪلام جي آيتن ۾ وڏيڪ ثواب ملڻ ڏانهن اشارو (هن طرح) آهي، تہ انهن جي هٿن تي الله جو هٿ آهي، جنهن پورو ڪيو اهو عهد) جيڪو ان الله سان ڪيو هو تہ تمام جلد الله ان کي وڏو ثواب ڏيندو.

۽ (پر) الله تعاليٰ جي فرمان کان ڦرندڙن لاءِ وري هن طرح ڏمڪي ۽ ڌلڪار آهي، تہ جنهن عهد ٽوڙيو ان پنهنجي بري عهد کي ٽوڙيو. (۲)

(ان ڏمڪي کي) آڻي دل ۾ پڪي طرح ويهاري، منع ڪيل ڪمن کان روڪيو ويو، مثلاً خدا سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪجو، چوري ۽ زنا نہ ڪجو ۽ اولاد ۽ بين کي بغير حق جي قتل نہ ڪجو، ۽ الله جل شانہٗ تي ڪوڙ نہ ٻڌجو، نہ ڪو مسلمانن تي ڪوڙ ۽ بهتان هڻجو. سرور ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي بي فرماني کان بچجو، ۽ شرعي احڪامن جي پوري ڪرڻ لاءِ (يقين واري واٽ جي طالبن کي) امر ٿيل آهي، تہ شهادت جو ڪلمون پڙهو. پنج وقت نماز ادا ڪريو. رمضان جا روزا رکو. زڪوات ڏيو، ۽ جيڪڏهن طاقت اٿو تہ بيت الله شريف جو حج ڪريو.

اهڙي طرح يقين واري واٽ جي طالبن کي سلف صالحين هنن احڪامن جي وصيت ڪئي تہ شهوت، ۽ دنيا جون لذتون ڇڏيو، ڏارين عورتن سان صحبت نہ ڪريو. غيرضروري دنياوي اسباب گڏ ڪرڻ ڇڏي ڏيو، ۽ رات ڏينهن (هر وقت) ذڪرالله ۾ مشغول رهو. جيئن فرمان خداوندي آهي، تہ "بيشڪ تنهنجو رب ڄاڻي ٿو تہ تون قيام ڪرين ٿو

(۱) سورة ممتحنہ آيت ۱۲

(۲) سورت فتح آيت ۱۸- ۱۹

www.maktabah.org

(رات جو جاڳين ٿو) ڪڏهن رات جي ٻن حصن جيترو، ته ڪڏهن آڌي رات جيترو ،ته ڪڏهن ٽهائي جيترو. (۱)

يعني رات جي ٽئين حصي ۾ تهجد جي نماز ادا ڪرڻ کان بعد ذڪر فڪر ۾ مشغول رهو،۽ ڏينهن جي ۾ پهرئين يا پوئين چوٿائي ۾ ذڪر فڪر يا (نيڪن جي) صحبت ۽ وعظ ونصيحت ۾ مشغول ٿي(انهن احڪامن کي) بجا آڻيو.

هن مضبوط رسي کي چنبڙي دل وجان سان ان جي طلب ڪندڙ،۽ خواهش ڪندڙ ٿيڻ گهرجي، جيڪڏهن ڪنهن وقت، ڪنهن ۾ فرد کان (انهن احڪامن منجهان) ڪوبه ڪم قضا ٿي وڃي ته خدا تعاليٰ جي فرمان موجب ته اي ايمان وارؤ! الله ڈانهن اهڙي توبهه ڪريو جيڪا توبهه سچي هجي(۲)

مخفي معاملن جي توبهه بروقت مخفي طرح سان،۽ ظاهري معاملي جي توبهه ۾ بروقت ظاهري طرح سان ڪري پشيمان ٿي تائب ٿيڻ گهرجي.

## رباعي

پيمان مشكن كه هر كه پيمان بشكست
از پاءِ درافتاد و برون رفت ازدست
آن را كه بود درست پيمان الست
نشكست بهيچ حال هر عهد كه بست

يعني انجام نه ڇڄ، ڇاڪاڻ ته جنهن ۾ انجام پڳو، اهو (گويا) پيرن پر ڪريو،۽ هٿن مان ويو. الست وارو انجام جنهن جو درست آهي، اهو ڪنهن ۾ حال ۾ ڪوبه واعدو نه پڄندو.

يااللهٰ! اسان کي آخر زمان نبي (صلي الله عليه وسلم) جي ڇڳي طرح متابعت نصيب فرماءِ،۽ اسان کان نبي ڪريم ﷺ ۽ سندس آل جي طفيل راضي ٿيءُ. اي وڏيڪ رحم فرمائڻ وارا، انهن سيني تي گهٽي کان گهٽا هميشه سلام موڪليندو رهه.

---

(۱) سورة مزمل آيت ۲۰

(۲) سور التحريم آيت ۸

www.maktabah.org

## ستٽيهون خط مبارڪ

# جناب عمدة العلماءِ اسوة البلغاءِ قاضي ميان عبدالرحمٰن ڏانهن لکيو ويو

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سڀ تعريفون الله تعاليٰ جي لاءِ، جنهن اسان کي يقين ۽ حق واري طريقي تي استقامت واري ذات سان (هلڻ جي) هدايت فرمائي. صلواتون ۽ سلام هجن (حضرت) محمد مصطفيٰ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم تي، جيڪو امين آهي، ۽ ان جي آل ۽ اصحابن تي به سلام هجن.

حمد ۽ صلواة کان پوءِ، هي خط ان فقير جو آهي، جيڪو پنهنجي (رب) غني ڪريم جو محتاج آهي، مخلص دوست، يعني عبدالرحمٰن ڏانهن، شال الله تعاليٰ ان کي دارالسلام تائين سلامت رکي.

امابعد! توهان تي الله تعاليٰ جي طرف کان رحمتون ۽ برڪتون هجن! اي دوست ايذائن ۽ تڪليفن جو بار ڪٽڻ رسولن سڳورن ۽ نبين ۽ انهن جي فرمانبردارن جي هڪ خاص سنت آهي. اي دوست! جڏهن سون کي نقد تي وٺڻ جي آرزو ڪبي ته ان کي ڪسوٽي يا باهه تي آزمايو ويندو آهي، ۽ کوٽي کي سچو نه ٿو سڏجي ۽ ان کي پرکجي به نه ٿو. اهڙي طرح جيڪو طالب الله تعاليٰ سان محبت ڪرڻ جي دعويٰ ٿو ڪري ته پوءِ ان کي طرحين طرحين مصيبتن ۽ تڪليفن جي ذريعي آزمايو ويندو آهي، جيئن الله سبحانه وتعاليٰ پنهنجي قديم ڪلام ۾ فرمايو آهي ته، ڇا ماڻهو ان گهمنڊ ۾ آهن، جو ايتري ڳالهه تي ڇڏيا ويندا ته اسان ايمان آندو ۽ انهن جي آزمائش نه ٿيندي." (١)

اي دوست! اوهين حاڪمن ۽ بين جي (ظلمن ۽ ايذائن سببان) نااميد نه ٿيو، ڇوته اهي پاڇولي جي مثل آهن، (جنهن کي بقاءُ ناهي) ۽ پاڇولو اصلي وجود کان سواءِ ڪنهن به قسم جي ڏک ڏيڻ تي قدرت نٿو رکي. پوءِ وجود اصلي اها واحد ذات الله تعاليٰ جي آهي.

(١) سورة عنڪبوت آيت ٢

www.maktabah.org

هن ملڪ جون ظاهري واڳون هنن حاڪمن جي هٿن ۾ (مجازي طرح) آهن، جيڪي گمراهي جا مظاهر آهن. پوءِ اوهين انهن جي ايذائڻ تي صبر ڪريو، جيئن الله جل جلاله، پنهنجي محبوب ڪريم (صلي الله تعاليٰ عليه وسلم) کي فرمائي ٿو: "۽ ڪافرن جي ڳالهين تي صبر فرماءِ ۽ انهن کي چڱي طرح ڇڏي ڏيو ۽ مون تي ڇڏي ڏيو، انهن کوڙي سمجهندڙ مالدارن کي ۽ انهن کي ٿوري مهلت ڏيو. (۱)

تنهن ڪري اوهين صبر ڪريو، ڇاڪاڻ ته صبر خوشي لاءِ ڪنجي آهي. ٻئي هنڌ الله تعاليٰ پنهنجي ڪلام ۾ فرمائي ٿو: "الله دشواري کان بعد سکهو آساني ڪري ڏيندو." (۲)

اي دوست! جو ڪجهه به (حقيقي) حڪيم طرفان (حڪم) صادر ٿئي ٿو، تنهن ۾ سندس خالص حڪمت آهي، ۽ عجيب کان جيڪا شيءِ ظاهر ٿئي ٿي، سا پڻ عجيب آهي. قرآن جي بصيرت وارا ڄاڻن ٿا ته رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم کي به قرآن مجيد ۾ صبر جميل ڪرڻ جو امر ٿيل آهي، جيئن سندن حق ۾ ارشاد آهي "پوءِ توهان به صبر ڪريو، جيئن همٿ وارن رسولن صبر ڪيو. (۳)

حديث قدسي ۾ آهي ته "جيڪو منهنجي پرکا تي صبر نه ٿو ڪري، ۽ منهنجي قضا تي راضي نه ٿو ٿي ۽ منهنجي نعمتن تي شڪر نه ٿو ڪري، پوءِ گهرجيس ته منهنجي آسمان جي هيٺان ٻاهر نڪري ۽ مون کان سواءِ ٻيو ڪو رب وڃي ڳولي هٿ ڪري(۴)

اي دوستو! ڄاڻو ته نبين ۽ رسولن ۽ انهن جي اصحابن ڪهڙو نه صبر فرمايو، ۽ الله تعاليٰ جي قضا تي ڪيئن نه راضي رهيا.

اي دوست! ناميد نه ٿيءُ ۽ غم نه ڪر، ڇاڪاڻ ته سکو پرڪڻ کان بعد ئي خزاني ۾ داخل ٿيندو آهي. پوءِ ان ڪري اوهين صبر ڪريو. بيشڪ قضا تي صبر ڪرڻ مئلن کي جيئرو ٿو ڪري، ۽ غم نه ڪريو. (قرآن مجيد ۾ آهي) ته پوءِ بيشڪ دشواريءَ سان گڏ آساني آهي(۵)

---

(۱) سورة مزمل آيت ۱۰-۱۱
(۲) سورت طلاق آيت ۷
(۳) سورة الاحقاف آيت ۳۵
(۴) اتحان- جلد(۹) صفحه ۶۵۱
(۵) سورة الانشراح آيت ۵

www.maktabah.org

۽ اوهين الله تعاليٰ تي توڪل رکو. اهوئي اوهان لاءِ، اوهان جي دشمنن کان بدلي وٺڻ لاءِ کافي آهي، ۽ الله عزوجل تي توڪل ڪريو، اهو اسان جي سيني ڪمن ۾ اسان لاءِ کافي آهي. (الله تعاليٰ فرمائي ٿو) "اي غيب جون خبرون ٻڌائيندڙ (نبي) الله تعاليٰ تنهنجي لاءِ کافي آهي، ۽ پڻ هي مؤمنن مان جيترا تنهنجا پيروي ڪندڙ ٿيا. (۱)

پلو ڪلام اهو آهي، جيڪو مختصر هجي، مگر مطلب گهٽو ڏسي، عاقل لاءِ اشارو کافي آهي. توهان تي ۽ توهان جي پروارن تي سلام هجي.

## خط مبارڪ ٽيهون

## فضيلتن واري جناب قاضي ميان عبدالرحمٰن ڏانهن لکيو ويو

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سڀ تعريفون الله تعاليٰ جي لاءِ، جنهن اسان کي حق واري طريقي تي استقامت واري ڄاڻ سان هلڻ جي هدايت فرمائي، ۽ صلاتون ۽ سلام، حضرت محمد مصطفيٰ (صلي الله تعاليٰ عليه وسلم) تي هجن، جيڪو امين آهي، ۽ ان جي آل ۽ اصحابن (سڀڪورن) تي به سلام هجن.

حمد ۽ صلاة کان بعد، هي خط فقير جي طرفان، مخلص دوست، يعني قاضي عبدالرحمٰن ڏانهن آهي. شال الله تعاليٰ ان کي قيامت تائين سلامت فرمائي. امابعد! توهان تي الله (پاڪ) جي طرفان سلامتي، رحمتون ۽ برڪتون هجن.

عربي شعر

الا لا تحزن الاخ البليه

فلرحمٰن الطاف خفيه

ترجمو: خبردار اي ڀاءُ! مصيبتن جو غم نه ڪر، (ڇوتہ) الله رحمٰن جون مهربانيون ڳجهيون آهن.

اگر خواهي بشيرين مرگ مردن

ز دست دوست بايد زهر خوردن

(۱) سورة انفال آيت ۶۴

www.maktabah.org

جيڪڏهن لذت واري موت سان مرڻ گهرين ٿو تہ دوست جي هٿان زهرڪائڻ گهرجي

عشق دراول چرا خوني بود
تانيايد هر كہ بيروني بود

عشق شروع ۾ (جڏ) هلاڪ ڪندڙ هيو. (ليڪن) اها ڳالهہ ان کي سمجهہ ۾ نہ ايندي جنهن ان ۾ پير نہ پاتو هوندو.

اي دوست! قدسي حديث ۾ آهي "جيڪو منهنجي قضا تي راضي نہ ٿو ٿئي، منهنجي پرڪاتي صبر نہ ٿو ڪري، سو منهنجي آسمان جي هيٺان باهر نڪري، ۽ مون کان سواءِ ٻيو ڪو رب وجي ڳولي هٽ ڪري."

طالب کي گهرجي تہ ڏک ۽ سک سڀ ان (ذات حقيقي) کان ڄاڻي صبر ڪري، تان تہ امتحان واري ڪسوٽيءَ ۾ صحيح ثابت ٿئي!

خموش حافظ واز جور يار نالہ مكن
ترا كہ گفت كہ بر روئي خوب حيران باش

اي حافظ! چپ رهہ، ۽ يار جي ظلم کان دانهون نہ ڪر، توکي ڪنهن چيوتہ خوبصورت چهري تي عاشق ٿيءُ.

دريائي فراوان نشود تيره بسنگ
عارف كہ برنجد تنگ آب است هنوز

اونهون درياءَ پٽر اڇلائڻ سان ميرو نہ ٿو ٿئي، جيڪو عارف (الله وارو امتحان ۽ تڪليف سببان) ڏکوئجي، سو (گويا) ا جان ٿورو پاڻي آهي.

(اوهان کي گهرجي) تہ ماڻهن جي ملامت سببان، پنهنجي دلي سڪون کي پريشان نہ ڪريو تہ جيئن "لا يخافون لومة لائم" واري جماعت مان ڳڻجو، يعني جيڪي کنهن جي بہ ملامت کان نہ ڊڄندا آهن.

وجدت الملامة في هواك لذيذ
حبا لذكرك فليهمني اللائم

تنهنجي عشق ۾ ملامت کي مون مٺو لڏو آهي. يلي تہ ملامت ڪندڙ مون کي تنهنجي يادگيري سبب محبت جي تهمت لڳائي.

تو نصيحت مي گوءِ من مي شنوم
عاشقان باشند خوش دائم از ملامت كنان

www.maktabah.org

تون نصيحت پيو چؤ ۽ آڻ پيو ٻڌان، عاشق هميشہ ملامت ڪرڻ وارن کان خوش آهن.

وڌيڪ لاءِ توهان تي ۽ جيڪي توهان جي پر ۾ آهن، سلام هجي.

پيو هيءُ تہ سڀ پائر ۽ فرزند خوش آهن، باقي ميان محمد ياسين (سندن فرزند) هن دنيا جي ميدان مان رحلت ڪري، ننڍڙن فوت ٿيل ٻارڙن جي جماعت ۾ داخل ٿي ويو آهي. هر حال ۾ الله تعاليٰ جو شڪر آهي.

## خط اٺيتاليهون

## جناب فضيلت پناهہ، فضائل دستگاهہ، قاضي عبدالرحمٰن ڊانهن لکيو ويو

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سيڪا ساراهہ الله پاڪ لاءِ ۽ سلام رسول الله ﷺ تي هجي، حمد ۽ صلاة کان بعد، سلام جو تحفو اوهان کي پهچندو رهي.

پيارا دوست! جيئن ظاهر ۾ نماز ۽ روزو ادا ڪرڻ فرض آهي، تيئن اندر ۾ وري (الله تعاليٰ سان) عشق ۽ محبت رکڻ فرض آهي. دل انهن ٻنهي جو مرڪز آهي.

دم درکشم وجمله غمت نوش کنم
که از پس من بکس نماند غم تو

صبر ڪري، تنهنجا سڀ غم مون پي ڇڏيا. مون کان بعد تنهنجو غم ڪنهن کي ڪونہ رهندو.

اهوئي سبب آهي، جو سيني جهانن جو سردار صلي الله عليه وسلم هميشہ غم ۽ فڪر ۾ هوندا هئا.

گدائي بادشاهي را بشوخي دوست مي دارد
نہ با اومي توان گفتن نہ بي او مي توان بودن

پينو بادشاهہ کي سندس سرڪشيءَ جي ڪري، دوست رکندو آهي، پر ان سان نہ ڳالهائي سگهبو آهي، نہ کو ان کان سواءِ رهي سگهبو آهي.

ان حقيقت جي ڪري عشق (الاهي) کي فرض ڄاڻ، جو عشق ٻانهي کي

www.maktabah.org

خدا تعاليٰ وٽ پهچائي ٿو.

مجنون عشق را دگر امروز حالتست
کاسلام دين ليليٰ ديگر ضلالتست

عاشق مجني جي اڄ ٻي حالت آهي، جو ان لاءِ دين اسلام ليليٰ آهي. ٻي سڀ گمراهي آهي.

ڄاڻڻ گهرجي ته عاشقن لاءِ دوزخ خدا تعاليٰ جو عشق آهي، جيڪو انهي دوزخ مان نه لنگهندو ته اهو وصال جي بهشت کي نه پهچندو، جيئن قرآن مجيد ۾ آهي، ﴿ توهان مان کوبه اهڙو نه آهي، جنهن جو دوزخ تان گذر نه ٿئي. (۱)

هر که او در عشق چون آتش نشد
عيش او در عشق هرگز خوش نشد

جيڪو عشق ۾ باهه جي مثل نه ٿيو، ته ان جي حياتي کڏهن به عشق ۾ خوش نه ٿيندي.

اي دوست! عشق ۽ محبت جو درد، ان ماڻهوءَ کي راس ايندو، جنهن جي دماغ ۾ توحيد جي باغ جي خوشبوءِ پهتي هوندي، ۽ ان بوءِ جي ڪري هو غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿيندو، ۽ جڏهن سجاڳ ٿيندو ته سندس ڪن ۾ الست جي راڳ جو آواز پهچندو، ۽ ان نغمي جي ٻڌڻ سان ان ۾ وجد جي حالت ظاهر ٿيندي، ۽ ان وجد کان وجود لهندو، ۽ ان نغمي جي ذوق کان سندس سر ۾ شور اچي ويندو.

عشق شوري در نهاد ما نهاد
جان مادر بوتئه سودا نهاد

عشق اسان جي اندر ۾ شور رکيو آهي. اسان جي جان کي عشق جي ڪوناري ۾ رکيو اٿس. منهنجي سمجهه اهڙي عجيب ۽ ڏگهي خيال کي سمجهي رهي آهي، جيڪو هرگز پوري ٿيڻ وارو نه آهي. خيال به عجيب آهي، جو ڪاغذ ته پورو ٿي ويو، پر اسان جو خيال اڃان باقي آهي. وڏيڪ لاءِ اوهان کي ۽ اوهان جي پر ۾ وينل دوستن کي سلام پهچن، ۽ ان کي به جنهن هدايت جي پيروي ڪئي، ۽ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي پيروي کي لازم ڪري ورتو.

---

(۱) سورة مريم آيت ۷۱

www.maktabah.org

## خط مبارک چاليهون

## جناب مخدوم غلام محمد رهندڙ ديهه لکڙي، واقع پربڪٽي ننڍي جي ڏانهن ذڪر جي تحريص بابت لکيو ويو

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

سڀ تعريفون ان لاءِ، جيڪو ان جو لائق آهي، ۽ صلاتون ان جي نبيءَ يعني محمد ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم تي، ۽ ان جي آل ۽ اصحابن تي پڻ سلام هجن.

حمد ۽ صلاة کان بعد، هي فقير، رب غني ڪريم جو محتاج، پنهنجي پياري غلام محمد کي جو پلارن ۽ بزرگن جي اولاد آهي. سلامن کان پوءِ چوي ٿو ته حياتي جي مدت کي غنيمت ڪري سمجهو، ۽ خدا تعاليٰ جي فردوس بهشت جي طلب ۾ رهو، جي حديث جي حڪم موجب ذڪر جا حلقا آهن، چوته وقت ترار ڪپيندڙ جي مثل آهي.

**رباعي**

گفتم بطبيب حال اين درد نهان
گفتا بجز ياد دوست بند دهان
گفتم زغذا گفت همين خون جگر
گفتم ز پرهيز گفت ازهر دوجهان

هن اندر واري درد جو احوال طبيب (مرشد) کي ٻڌايم. (ان مون کي علاج ڏسيندي) چيو ته دوست جي يادگيري ۽ ذڪر کان سواءِ وات بند رک. وري ڪاڏي بابت پڇيم، چيائين ته جيري جورت، (يعني محبوب جي سڪ جو درد ۽ غم ڪائيندو رهه) ڪِريءَ بابت پڇيم ته چيائين ٻنهي جهانن کان رک ڪر. (پوءِ سيني ڏکن کان آزاد ٿي پوندين)

زياده توهان ۽ اوهان جي پائرن ۽ اولاد ۽ جملہ جماعت حاضرين کي سلام پهچن.

www.maktabah.org

## خط ايڪيتاليهون

## عارفن جي اڳوڻ ۽ وڏن بزرگن جي پيروڪار، خليفي محمد عليم رحمه الله عليه وٽن ڏيهه ڏڏر ڏانهن لکيو ويو

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سڀ تعريفون ان لاءِ جيڪو ان جو لائق آهي، ۽ صلاتون ۽ سلام ان جي نبيءَ (صلي الله تعاليٰ عليه وسلم) تي هجن.

حمد ۽ صلاة کان بعد، اوهان تي سلامن ۽ الله جي رحمتن ۽ برڪتن جو تحفو پهچي. (هي خط) فقير، رب غني ڪريم جي محتاج جو، پنهنجي پياري محمد عليم ڏانهن آهي.

جمع نماز پڙهڻ، هر ان جاءِ تي واجب آهي، جتي وڏو شهر هجي، جنهن جي شان لاءِ آيل آهي: اَنَا مَدِيْنَةُ الْعِلْمِ، يعني آءٌ علم جو شهر آهيان، ۽ جتي خليفو به هجي، جنهن جي باري ۾ فرمايل آهي، اِنِّيْ جَاعِلٌ فِي الْاَرْضِ خَلِيْفَةً (۱) يعني آءٌ زمين ۾ پنهنجو نائب بنائڻ وارو آهيان. ۽ جماعت به موجود هجي. يعني اها جاءِ هجي، جنهن کي جمع الجمع سڏيو ويو آهي. الله تعاليٰ سڏائي کي وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي.

## خط بائيتاليهون

## ذڪر لاءِ حرص ڏيارڻ بابت خليفي صاحب ميان محمد عليم رحمة الله عليه طرف لکيو ويو.

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

ڄاڻڻ گهرجي ته اصل مسلماني ته ڪلمون لا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ ئي آهي. اهو (ڪلمون) خود ذڪر آهي، ۽ بين سيني عبادتن کان ان ذڪر جو گهڻو تاکيد آيو

(۱) سورت بقره آيت

www.maktabah.org

آهي. خدا تعاليٰ توکي ياد فرمائي، اهو تنهنجي ذکر ڪرڻ جو ته ڦل آهي، ۽ توکي ان ڦل کان وڌيڪ ٻيو ڇا گهرجي؟

جيئن الله تبارک وتعاليٰ فرمائي ٿو "اوهين مون کي ياد ڪريو ته آءٌ اوهان جو تذڪرو (مشهوري) ڪندس(۱)

يعني اوهين مون کي ياد ڪريو، ته آءٌ اوهان کي ياد ڪندس، ۽ اهو ياد گيرو هميشه ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن هميشه نه ٿي سگهي ته به اڪثر وقتن ۾ هجڻ گهرجي. جو نجات جو دارومدار ان سان وابسته آهي. ان ڪري الله تعاليٰ فرمايو آهي ته الله کي گهڻو ياد ڪريو، ان اميد تي ته نجات لهو(۲)

اتي فرمائي ٿو ته، جيڪڏهن نجات جي اميد رکو(ته ذڪر ڪريو) جو الله تعاليٰ ذڪر ڪندڙن جي هن طرح تعريف ڪئي آهي.

جيڪي الله کي ياد ڪن ٿا اٺندي ويهندي ۽ پاسي ۾ ليٽي(۳)

ان آيت اندر الله تعاليٰ ان قوم جي تعريف فرمائي آهي، جيڪي پيرن تي ويهي ۽ سمهي به ذڪر ڪن ٿا، ۽ ڪنهن به حالت ۾ غافل نٿا ٿين. ٻئي هنڌ فرمائي ٿو، ۽ پنهنجي رب کي پنهنجي دل ۾ ياد ڪر، زاري ۽ ڊڄ سان زبان مان آواز ڪڍڻ کان سواءِ، صبح ۽ شام ۽ غافلن مان نه هج(۴)

الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته ان (الله) کي ياد ڪر زاري ۽ ڊڄ سان، مخفي طرح به، ته صبح ۽ شام به ،ڪنهن به حالت ۾ غافل نه ٿيءُ.

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم کان پڇيو ويو ته يا رسول الله سڀني کمن مان ڪهڙو ڪم وڌيڪ پلو آهي؟ پاڻ فرمايائون ته تون (اي سائل!) اهڙي حال ۾ دنيا کي ڇڏين(مرين) جو تنهنجي زبان حق تعاليٰ جي ذڪر سان آلي هجي(۵)

۽ پاڻ ائين به فرمايائون ته آءٌ اوهان کي عملن مان زور پلي عمل جي خبر ٻڌايان؟ جو الله تعاليٰ وٽ وڌيڪ قبول پيل عمل آهي، ۽ جنهن ذريعي اوهان جا درجا

(۱) سورة بقره آيت۱۵۲
(۲) سورة جمعه آيت۱۰
(۳) سورة آل عمران آيت۱۹۱
(۴) سورة انفال آيت ۲۰۵
(۵) مشڪواة شريف باب ذڪرالله عزوجل وتقرب الله ص۱۹۸

www.maktabah.org

بہ تمام بلند ٹين. ۽ اهو سون ۽ چاندي جي خيرات ڪرڻ کان بہ زور پلو آهي، ۽ جهاد ڪرڻ کان بہ زور پلو آهي؟ صحابہ ڪرام عرض ڪيو تہ هائو يا رسول الله! پاڻ فرمايائون تہ الله تعاليٰ جو يادگيرو ۽ ذڪر(۱)

۽ ذڪر ڪندڙ غافلن جي وچ ۾ ائين آهي، جيئن جيئرو مئلن ۾، ۽ سائو وڻ سڪل وٹن ۾، ۽ جنگ ڪندڙ غازي مرد، جنگ کان پڇندڙن جي پويان(۲)

حضرت معاذ بن جبل(رضي الله عنه) فرمائي ٿو: بهشتي ڪنهن بہ شيءِ تي افسوس نہ ڪندا، مگر جيڪا هڪ گهڙي دنيا ۾ ويسر سبب حق تعاليٰ جي ذڪر کان سواءِ گذاري هوندائون(ان جو ڪين وڏو افسوس ٿيندو) (۳) ذڪر گهٹو ڪريو ايترو جو اوهان کي ماٹهو چريو چون(۴)

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم فرمايو آهي تہ تڪڙا هلو جو مفرد، يعني پاڻ کي ماٹهن کان جدا ڪندڙ شخص(گوشي نشيني ڪندڙ) گوءِ ڪٹي ويا. عرض ڪيائون تہ يا رسول الله مفرد چا آهن؟ پاڻ فرمايائون تہ جيڪي مرد ۽ عورتون الله تعاليٰ جو گهٹو ذڪر ۽ يادگيرو ڪن ٿا(۵)

سيني ذڪرن ۾ افضل ذڪر لا اله الا الله جو آهي.

## خط مبارڪ ٹيتاليهون

## ذڪر لاءِ حرص ڏيارڻ ۽ محفوظ ڪنهن کي چئجي؟ تنهن بابت جناب خليفي محمد عليم قدس سره، ڏانهن لکيو ويو

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

محفوظ اهو آهي، جنهن کي الله تعاليٰ قولن، فعلن ۽ ارادن ۾ سيني خوفن کان حفاظت ۾ رکي، پوءِ اهو محفوظ ڪجهہ بہ نہ چوندو آهي ۽ نہ ڪجهہ ڪندو

(۱) ترمذي شريف ص۱۷۳ج۲
(۲) مشڪواة شريف ص۱۹۹ ايضًا مسلم شريف ج ۲ ص۳۴۱
(۳) مشڪواة شريف ص۱۹۹ ايضًا - مسلم جلد ٻيو ص۳۴۱
(۴) مسند ابي يعليٰ جلد ۲ ص۱۳۰
(۵) ڪنز العمال - جلد اول حديث ء۱۷۷۴

www.maktabah.org

آهي، مگر ان جي هر قول ۽ فعل ۾ الله تعاليٰ جو رضامندو هوندو آهي ۽ اهو الله تعاليٰ جي امر بنا، ڪنهن به شيءِ جو ارادو ۽ قصد نه ڪندو آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي"اوهين مون کي ياد ڪريو ته آءٌ اوهان جو تذڪرو (مشهوري) ڪندس"

ڪتاب بحر الحقائق ۾ آهي ته حضرت جبرئيل عليه السلام پاڻ سڳورن کي عرض ڪيو ته يا رسول الله! الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته (اي نبي!) مون تنهنجي امت کي اهڙي شيءِ عطا فرمائي آهي جو اڳين امتن مان ڪنهن به امت کي نه ڏني اٿر. پوءِ پاڻ جبرئيل کان پڇيائون ته اها ڪهڙي شيءِ آهي، جبرئيل عرض ڪيو ته اهو الله تعاليٰ جو فَاذْكُرُونِي اَذْكُرْكُمْ وارو قول آهي ته اوهين مون کي ياد ڪريو ته آءٌ اوهان جو تذڪرو ڪندس. هن امت کان سواءِ ٻي ڪنهن به امت لاءِ نه فرمايو اٿس.

حڪيم (ترمذي) فرمايو آهي ته اهو دل ۾ انديشو آهي. الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ان جي خبر نه آهي.

## خط مبارڪ چوئيتاليهون

## حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي ولادت مبارڪ جي خوشي (عرس مبارڪ) جي فضيلت متعلق جناب خليفي محمد حسين رحمة الله تعاليٰ عليه ڏانهن لکيو ويو

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

ڪتاب مولود جزري ۾ آهي ته رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم کي ابو لهب جي آزاد ڪيل ٻانهي"ثوبيه" کير پياريو، جنهن وقت"ثوبيه" ابو لهب کي حضور جن جي ولادت جي بشارت ڏني ته ابولهب ان کي خوشيءَ ۾ آزاد ڪيو هو.

ابو لهب جي مرڻ کان بعد ڪيس ڪنهن خواب ۾ ڏسي، سندس حال پڇيو هو ته ڪهڙو حال اٿئي؟ ان چيو ته دوزخ ۾ آهيان، مگر هر سومر جي رات مون کان ٿورو عذاب هلڪو ڪيو ويندو آهي (اهو ان ڪري جو) هنن ٻن آڱرين(ڏسٽي آڱر ۽ اڳوٺي) جي

(۱) سورة عنڪبوت آيت ۲

www.maktabah.org

وچان ٽورڙو پاڻي چوسيندو آهيان، ۽ ابو لهب پنهنجي آگر جي مٽي سان(پاڻي جي ٽورائي ڏانهن) اشارو ڪري ٻڌايو ته مون کي ايترو پاڻي ان ڪري پياريو ويندو آهي، جو (منهنجي ٻانهي) ثوبيه مون کي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ولادت جي بشارت ڏني هئي، ته مون کيس ان خوشي ۾ آزاد ڪيو هو، ۽ ثوبيه حضور جن کي ڪير پياريو هو.

(علامه حافظ ابو الخير شمس الدين) ابن جزري چيو آهي ته هن ڪافر، ابولهب کي، جنهن جي مذمت قرآن شريف ۾ نازل ڪئي ويئي آهي، جڏهن دوزخ ۾ هوندي حضور جن جي ولادت واري خوشي سبب هر سومر جي رات فرحت جي جزا ڏني وئي، ته پوءِ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي ان امتي موحد مسلمان جو ڪهڙو حال ٿيندو، جيڪو سندن ولادت سبب خوش ٿئي ٿو، ۽ پنهنجي طاقت آهر پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جي محبت ۾ خرچ ڪري ٿو.

مون کي پنهنجي جان جو قسم آهي ته الله ڪريم جي طرفان ان جي جزا يقينًا اها هوندي جو ان کي الله تعاليٰ پنهنجي عام فضل سان جنات النعيم ۾ داخل فرمائيندو. هميشه ڪان وٺي اهل اسلام حضور صلي الله عليه وسلم جي ميلاد جي مهيني(ربيع الاول شريف) ۾ محفلون ڪندا آهن، ۽ خوشي وارا ڪاڌا ناهيندا آهن، ۽ ان جي راتين ۾ طرح طرح جا صدقا (خيراتون) ڪندا آهن، ۽ خوشيون ظاهر ڪندا آهن، ۽ نيڪين ڪرڻ ۾ زيادتي ڪندا آهن، ۽ ميلاد شريف پڙهڻ ۾ اهتمام (ڪوشش) ڪندا آهن، ته انهن تي فضل عميم جون برڪتون ظاهر ٿيندين آهن. ميلاد شريف جي آزمايل خوبين مان هي به آهي، جو سڄي سال ۾ امن امان هوندو آهي ،۽ حاجت روائي ۽ حصول مراد لاءِ جلدي بشارت ملي ويندي آهي. پوءِ الله تعاليٰ شال انهن تي رحم (نازل) فرمائي، جيڪي ان مبارڪ مهيني جي راتين کي عيد ڪري ملهائين ٿا، ته جيئن انهن جو ميلاد النبي ﷺ کي ملهائڻ تن، ماٺهن لاءِ تمام سخت بيماري (جو باعث) بڻجي ،جن جي دلين ۾ سخت مرض آهي، ۽ سندن ميلاد شريف سبب انهن کي عاجز ڪندڙ لادوا بيماري آهي(۱)

مولود جزري ۽ شيخ عبدالحق محدث دهلوي جي رسالي ۾ آهي ته جڏهن ان جهنمي ڪافر ابولهب جي لاءِ جنهن جي مذمت واسطي تبت يدا آيل آهي،هميشه سومر جي ڏينهن عذاب ۾ (صرف ان لاءِ) تخفيف ڪئي ويندي آهي ،جو ان هڪ پيرو سندن ولادت وقت خوشي ڪئي هئي ،ته پوءِ اوهان جو ان شخص لاءِ ڪهڙو گمان آهي جيڪو

(۱) مواهب اللدنيه ص۲۷ جلد اول

www.maktabah.org

هميشه ساري عمر نبي كريم صلي الله عليه وسلم جي اچڻ تي خوش آهي ۽ موحد ٿي وفات كري ٿو(۱)

